# BUDGET 2026-27

## BUDGET SPEECH BY SYED MURAD ALI SHAH CHIEF MINISTER SINDH

2026-27

Finance Department
Government of Sindh

# سنڌ حڪومت

# بجيٽ تقرير 27_2026

پاران:

## مراد علي شاهه

وزيراعليٰ سنڌ

**اُميد، ترقي ۽ عوامي اعتماد وارِي بجيٽ**

# ســـــنـــاءُ


| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 1 | **شروعات** | .1 |
| 8 | **مالي سال 2025-26 ۾ ڪيل واعدن تي ثيل اڳيرائي** | .2 |
| 9 | **عوام لاءِ گهر ۽ اجها** | .3 |
| 11 | **پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ترقي جي راهه تي گامزن** | .4 |
| 17 | **پرڏيهي سهڪار جا منصوبا** | .5 |
| 18 | **مالي سال 2025-26 جو ترقياتي منظرنامو** | .6 |
| 18 | **پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ** | .7 |
| 19 | **ورڪس اينڊ سروسز** | .8 |
| 20 | **مڪاني ادارا** | .9 |
| 21 | **آبپاشي** | .10 |
| 22 | **هيلٿ ڪيئر سروسز** | .11 |
| 29 | **تعليم ذريعي زندگي ۾ تبديلي** | .12 |
| 31 | **امن ۽ امان** | .13 |
| 33 | **خصوصي صلاحيتون رکندڙ ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ** | .14 |
| 35 | **جديد سفري ۽ ٽرانسپورٽ سهولتون** | .15 |
| 36 | **هارين جي مدد** | .16 |
| 38 | **اسٽريٽجڪ غذائي ذخيرا** | .17 |
| 39 | **لائيو اسٽاڪ** | .18 |
| 40 | **ماهيگيري** | .19 |
| 41 | **آفتن کي منهن ڏيڻ جي تياري** | .20 |
| 52 | **بجيٽ 2026-27 جا ڪاٿا** | .21 |
| 77 | **رليف جا اُپاءَ** | .22 |
| 78 | **پُڄاڻي** | .23 |

## شروع ڪيان ٿو الله تعاليٰ جي نالي سان
## جيڪو نهايت ئي مهربان ۽ ٻاجهارو آهي

**جناب اسپيڪر !**

مون کي اهو اعزاز حاصل ٿيو آهي ته مان هن معزز ايوان آڏو مالي سال 2026-27 لاءِ سنڌ صوبي جي 3,562.058 ارب روپين جي ٽيڪس کان آجي ساليانې بجيٽ پيش ڪري رهيو آهيان. آءٌ الله تعاليٰ جو پڻ شڪر گذار آهيان، جنهن اسان کي سنڌ جي عوام جي نمائندگي ڪرڻ جو موقعو عطا فرمايو، جن هن صوبي جي ترقي ۽ موجوده ۽ آئنده نسلن جي زندگيءَ ۾ اميد پيدا ڪرڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي تي اعتماد جو اظهار ڪيو.

## عالمي، قومي ۽ اقتصادي تناظر ۾ عوام جا مسئلا

**جناب اسپيڪر !**

اڄ آءٌ هن معزز ايوان آڏو نهايت ذميواري ۽ سمجهه جي احساس سان چوان ٿو ته ڪنهن به صوبي جي بجيٽ اڪيلي سر هلائي نٿي سگهجي، ان تي موجوده قومي اقتصادي ماحول، جاگرافيائي سياسي اوسر ۽ اڻ ڏٺل قدرتي آفتن جو گهرو اثر ٿئي ٿو. سال 2020 کان 2026 تائين جي مدي دوران بي مثال چيلينجز کي منهن ڏيڻو پيو، جن ۾ ڪووڊ -19 جي وبا ڪانپوءِ جي صورتحال، ملڪ ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ آيل تباهي آڻيندڙ ٻوڏ، عالمي رسد ۾ پوندڙ خلل، ناڻي جو ڦهلاءُ، تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب پيدا ٿيندڙ توانائي جو بحران ۽ دنيا جي مختلف خطن وچ ۾ وڌندڙ جاگرافيائي سياسي ڇڪتاڻ شامل آهن. انهن معاملن صوبي جي سرڪاري ناڻي، اقتصادي ترقي ۽ ترقياتي ترجيحن تي تمام گهرو اثر ڇڏيو آهي.

**جناب اعليٰ!** هلندڙ مالي سال جي ڪارڪردگي ۽ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ جا تفصيل پيش ڪرڻ کان اڳ آءٌ هن معزز ايوان آڏو اسان جي ملڪ ۽ خاص طور تي سنڌ صوبي کي گذريل پنجن يا ان کان وڌيڪ عرصي دوران پيش ايندڙ اقتصادي مسئلن بابت آگاهي ڏيندس.

**جناب اسپيڪر!**

اهو چوڻ بجا ٿيندو ته پاڪستان غيرمعمولي قومي، علائقائي ۽ عالمي چيلينجز جي هڪ تسلسل جي نتيجن کي منهن ڏيندو رهيو آهي. ڪجهه سالن ۾ اسان جو ملڪ بي مثال ڏکيائين کي ڀوڳيندو رهيو آهي، جن اسان جي ملڪ، ادارن ۽ عوام جي سهپ جو امتحان ورتو. ان جي شروعات ڪووڊ جي وبا سان ٿي جيڪا اسان جي معيشت لاءِ 2020 ۾ 1 کان 2 سيڪڙو معاشي لاٽ جو سبب بڻي. عالمي بينڪ جي اقتصادي ماهرن واضح ڪيو ته ان وبا گهريلو سرگرمين کي تمام گهڻو متاثر ڪيو، گڏو گڏ پورهيت جي 12 سيڪڙو آمدني گهٽائڻ سميت 37 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ روزگار کي ڇيهو رسايو، جڏهن ته سرڪاري قرضن کي گڏيل گهرو آمدني (جي ڊي پي) جي ڀيٽ ۾ 85 سيڪڙو وڌائي ڇڏيو، ان کان علاوه خوراڪ جي اگهن ۾ سراسري طور 8.6 سيڪڙو واڌ آندي. سنڌ متاثر ٿيل ماڻهن کي طبي سار سنڀال جي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اثرائتا اپاءَ ورتا ۽ بيروزگاري، ناڻي جي ڦهلاءُ ۽ خوراڪ جي غير يقينيءَ جي اقتصادي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ سموريون انتظامي ڪوششون ورتيون.

**جناب اسپيڪر!**

اهڙي قدرتي آفت 2022 جي ٻوڏن کان جاري رهي، جنهن پاڪستان ۽ خاص طور تي سنڌ جي آبهوائي تبديلي جي حوالي سان تمام وڏي ڪمزور حالت کي واضح ڪيو، باوجود ان حقيقت جي ته ان جو عالمي ماحولياتي دونهين ۾ اسان جو حصو هڪ سيڪڙو کان گهٽ آهي. 2022 جي تباهه ڪندڙ ٻوڏ سڄي پاڪستان ۾ وڏي پئماني تي تباهي آندي. سنڌ ۾ ان سان بنيادي ڍانچي، زراعت، روزگار جي وسيلن، سرڪاري

اثاثن کي وڏي پيماني تي نقصان رسايو، جنهن سان صوبائي معيشت تي اٽڪل 100.0 ارب روپين جو اضافي بار پيو ۽ ان سان مجموعي ترقياتي شعبو متاثر ٿيو. ان قدرتي آفت سان نہ رڳو لکين ماڻهو در بدر ٿيا پر معيشت تي پڻ ڳرو مالياتي بار پيو، جڏهن تہ امدادي ڪمن، بحالي ۽ نئين سر اڏاوت لاءِ تمام گهڻا وسيلا گهربل رهيا. عالمي ادارن پاران 30 ارب آمريڪي ڊالرن کان وڌيڪ نقصانن جو ڪاٿو لڳايو ويو جنهن ۾ سنڌ وڏي ۾ وڏو نقصان برداشت ڪيو، ان کان سواءِ ملڪ جو هڪ ٽياڳي ٽيون حصو پاڻي هيٺ اچي ويو جنهن سبب گهٽ ۾ گهٽ 33 ملين ماڻهو متاثر ٿيا ۽ 8 ملين ماڻهو در بدر ٿيا. گڏيل گهرو پيداوار جي ڏس ۾ رسيل نقصان جو ڪاٿو 15.2 ارب آمريڪي ڊالر لڳايو ويو ۽ بحالي جي لاءِ ڪل 16.3 ارب آمريڪي ڊالر گهربل رهيا. ٽرانسپورٽ ۽ مواصلاتي شعبي جي وڏي پئماني تي نئين سر تعمير ۽ بحالي لاءِ 5.0 ارب آمريڪي ڊالرن جي گهرج رهي، جڏهن تہ گڏو گڏ زراعت، خوراڪ، چوپائي مال ۽ ماهيگيري جي لاءِ 4.0 ارب آمريڪي ڊالر ۽ گهرن جي اڏاوت لاءِ 2.0 ارب آمريڪي ڊالر گُهربل رهيا. سنڌ کي اٽڪل 50 سيڪڙو بحالي ۽ نئين سر اڏاوت جي گهرجن کي منهن ڏيڻو پيو. سنڌ، ملڪ اندر ٻنهي ڪورونا ۽ ٻوڏن دوران وڌ ۾ وڌ بار کنيو ۽ 2022 ۾ تمام وڏي تباهي کي منهن ڏنو، جنهن ۾ هڪ هزار ماڻهو فوت ۽ اٽڪل 8 هزار ماڻهو زخمي ٿيا، جڏهن تہ گهرن، ٽرانسپورٽ، زراعت، آبپاشي ۽ مواصلاتي ڍانچي کي وڏي پئماني تي ڇيهو رسيو، ضلعي انتظاميا، عالمي بينڪ، يو اين ڊي پي، يورپين يونين ۽ ٻين ادارن طرفان ٻوڏ کان پوءِ لڳايل ڪاٿن مطابق 4.4 ملين ايڪڙ زرعي ايراضي تباهہ ٿي ۽ آبپاشي ۽ ٻوڏ جي بچاءُ واري نظام کي نقصان رسيو. اٽڪل 436, 435 چوپايو مال جنهن جي ماليت 117.3 ملين آمريڪي ڊالر ٻڏائي وڃي ٿي وڃائجي ويو، جڏهن تہ لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو روڊ نيٽ ورڪ کي نقصان رسيو. ان کان علاوه 2.36 ملين گهر تباهہ ٿيا، جن ۾ جزوي طور ۽ 14،4000 ملين گهر مڪمل طور تباهہ ٿيا، جنهن سان 12.36 ملين ماڻهو متاثر ٿيا، ان کان سواءِ 2,548 سرڪاري عمارتن کي نقصان رسيو جيڪي قومي انگ اکرن جو 83 سيڪڙو ظاهر ڪن ٿيون. سنڌ کي اڪيلي سر تعيمراتي شعبي ۾ 5.5 ارب آمريڪي ڊالرن جو وڏو نقصان ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ کي پنهنجي ترقياتي شعبي تي نظرثاني ڪرڻي پئي ۽ موجوده وسيلن کي امداد ۽ بحالي جي سرگرمين تي ڪتب آڻڻو پيو.

ان کانسواءِ سنڌ حڪومت پنجن منصوبن جي لاءِ عالمي بينڪ کان 1.69 ارب آمريڪي ڊالرن جي قرض لاءِ ڳالهيون ڪيون ۽ ٻوڏ ستيل علائقن ۾ سنڌ جي عوام جي سهائتا جي لاءِ ايشيائي ترقياتي بينڪ کان 200 ملين آمريڪي ڊالر قرض ورتو.

**جناب اسپيڪر!**

سال 2025 جو عرصو وڏي علائقائي ڇڪتاڻ وارو رهيو جنهن سبب پاڪستان کي دفاعي، معاشي ۽ ترقياتي ايجنڊا جي ڏس ۾ ڳنڀير مسئلا درپيش رهيا. فوجي اڳرائي ۽ سالميت تي حملي جي صورت ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج آپريشن بنيان مرصوص جي ذريعي قومي سلامتي ۽ پنهنجي شهرين جي تحفظ لاءِ وڏي بهادري جو مظاهرو ڪيو. جڏهن ته ان آپريشن ۾ قومي ٻڌي، سهپ ۽ شان سان امن جي عزم جي عڪاسي ڪئي وئي، ان جنگ سبب اضافي معاشي بار پيو ۽ املھ وسيلن کي دفاع ۽ جنگ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪتب آندو ويو. پاڪستان ان امتحان واري گهڙيءَ ۾ پنهنجي ادارن سان کُلهو کُلهي سان ملائي بيٺو رهيو. معاشي لاٿ پوري پاڪستان ۽ اترئين هندوستان جي علائقن ۾ ايئراسپيس بند ڪرڻ جو سبب بڻي، جڏهن ته سنڌ طاس معاهدو مختصر طور معطل ٿيو ۽ ڪجھ تجارتي ۽ بندرگاھ جون سهولتون بند ٿيڻ سبب رسد ۾ خلل پيدا ٿيو. ان سبب قومي بجيٽ ۽ دفاعي خرچن ۾ اضافي بار پيو.

**جناب اسپيڪر!**

اهڙا دٻاءَ جاگرافيائي سياسي ڇڪتاڻ ۽ سخت عالمي مالياتي حالتن سان گڏ آيا، ۽ انهن عالمي سرمائي جي مارڪيٽ ۾ وياج جي شرح ۾ اضافو ڪيو. نتيجو نهايت غير يقيني، چڙ وچڙ ۽ مهانگي عالمي معيشت جي صورت ۾ نڪتو جيڪو خاص طور تي پاڪستان جهڙي درآمد تي ڀاڙيندڙ اسرندڙ ملڪ لاءِ ڳنڀير هيو. پاڪستان تيل جي اگهن ۾ لاهن چاڙهن ۽ ٻاهرين معاشي دٻائن سميت نهايت نازڪ صورتحال ۾ رهيو، جنهن سبب ناڻي جي ڦهلاءُ، پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن ۽ مالياتي انتظام تي دٻاءُ رهيو. پاڪستان پنهنجي تيل جو اٽڪل 80 سيڪڙو درآمد ڪري ٿو، جنهن جو گهڻو حصو گلف جي سپلائيرن کان حاصل ڪري ٿو. تڪرار شپنگ جي

روٽس کي متاثر ڪيو، جڏهن تہ تيل توانائي جي اگهن ۾ واڌ ڪئي، ۽ درآمد جي ماهوار بل ۾ چڱو خاصو اضافو ڪيو، پيٽروليم ۽ بار برداري جي اگهن ۾ واڌ، ٽرانسپورٽيشن جي خرچن، بجلي جي پيداوار، صنعتي پيداوار جي اگهن ۾ اضافو ڪيو. ان جو نتيجو عوام جي لاءِ مهانگائيءَ جي صورت ۾ نڪتو. ان کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ اهڙي رڪاوٽ تڏهن پيدا ٿي جڏهن حڪومت اڳ ئي ڪورونا، روس يوڪرين توانائي بحران ۽ ڊالر جي اگهن ۾ واڌ جي اثرن کي منهن ڏئي رهي هئي. پيٽروليم مصنوعات ملڪ جي مجموعي درآمد ۾ وڏو حصو ملائن ٿيون ۽ ملڪي معيشت ۾ 80 سيڪڙو کان وڌيڪ تيل جو گُهرجون درآمد جي ذريعي پوريون ڪيون وڃن ٿيون. ان جي نتيجي ۾ حڪومت وڏي پئماني تي پيٽروليم جي اگهن کي لاڳو ڪرڻ تي مجبور ٿي تہ جيئن ان ڳنڀير معاشي صورتحال کي منهن ڏئي سگهجي. ان جا ملڪي اثر ٻن صورتن ۾ پيدا ٿيا. حڪومت کي پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ چڱي خاصي واڌ ڪرڻي پئي ان هوندي بہ وفاقي حڪومت جي فيصلي کي نظر ۾ رکندي صوبائي حڪومتن 100 ارب روپين کان وڌيڪ رعايتن تي خرچ ڪيا.

پاڪستان ان سلسلي ۾ عملي ڪردار ادا ڪيو. اهي ڪوششون پاڪستان جي چڪتاڻ جي صورت ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۽ تڪرار پاري صورت ۾ سفارتڪاري ڪرڻ جي عزم جي عڪاسي ڪن ٿيون. انهن قدمن وسيلي حاصل ڪيل اڳڀرائي عالمي برادري ۾ پاڪستان جي ساک ۾ اضافو ڪيو آهي ۽ خطي ۾ امن استحڪام ۽ سهڪاري طاقت طور ان جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. سنڌ جو عوام صدر آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي بصيرت افروز قيادت هيٺ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ڪردار تي فخر ڪري سگهي ٿو، جن چڪتاڻ جي پرامن حل ۽ گڏيل مفاهمت سان هڪ سازگار ماحول کي هٿي ڏني، علائقائي سالميت ۽ عالمي استحڪام جي ڪوشش کي همٿايو.

**جناب اسپيڪر!**

انهن ڏکين چئلينجز باوجود پاڪستان جي عوام صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪيو آهي. اها اسان جي گڏيل ذميواري آهي تہ ملڪ جا اقتصادي ادارا بهتر

حڪمراني، مناسب مالي انتظام ۽ پنهنجي عوام ۾ سيڙپڪاريءَ ذريعي مضبوط ڪيون. سنڌ کي پنهنجي هارين تي فخر آهي جن پنهنجي روزگار کي ٻيهر بحال ڪيو، اسانکي انهن پورهيتن تي ناز آهي جن مشڪل حالتن ۾ بہ معاشي سرگرميون جاري رکيون ۽ پنهنجي ادارن تي فخر آهي جن ضروري عوامي خدمتن جي فراهمي جو سلسلو برقرار رکيو، ان عرصي دوران سنڌ حڪومت استحڪام لاءِ جوڳا قدم کنيا، وفاقي حڪومت جي مدد لاءِ عالمي مالياتي ادارن سان رابطا بحال ڪيا تہ جيئن آءِ ايم ايف کان 7 ارب آمريڪي ڊالرز جو ايڪسٽينڊيڊ فنڊ فيسلٽي (EFF) پروگرام حاصل ڪري سگهجي. توانائيءَ جي اگهن ۽ مالياتي پاليسين ۾ ضروري تبديليون ڪيون ۽ نار وارن ملڪن، چين ۽ ٻين واپاري پائيوارن جي سيڙپڪاريءَ جا واعدا حاصل ڪري پرڏيهي اعتماد کي بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن نازڪ موڙ تي پاڪستان پيپلزپارٽي ان ڳالهہ کي تسليم ڪري ٿي تہ پارٽ سان مسلسل ڇڪتاڻ، افغان بارڊر تي سڪيورٽي جي بگڙجندڙ صورتحال ۽ ملڪ اندر جاري دهشتگردي کي نظر ۾ رکندي پاڪستان پنهنجون فوجي تياريون برقرار رکيون آهن پاڪستان پيپلزپارٽي وسيع قومي مفادن ۾ وفاقي حڪومت پاران مالي سال 2026-27 لاءِ دفاعي خدمتن لاءِ تجويز ڪيل فنڊن جي توسيع ڪري ٿي اهو اضافو هڪ اهڙي وقت ۾ بچاءَ ۽ سلامتيءَ کي ڏني ويندڙ ترجيح جي عڪاسي ڪري ٿي، جڏهن علائقائي ماحول کي مختلف سخت چئلينجز درپيش آهن. تجويز ڪيل اضافي جو مقصد هٿيار، بارود، فوجي ساز و سامان ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين شين جي خريداريءَ لاءِ فنڊ فراهم ڪرڻ آهي.

**جناب اسپيڪر!**

اهي قدم گهڻي پاڱي تڪليف ڏيندڙ آهن پر اها حقيقت جي عڪاسي ڪن ٿا تہ پائيدار ترقيءَ لاءِ مضبوط دفاع سان گڏوگڏ ميڪرو اڪنامڪ استحڪام پهريون بنيادي شرط آهي، همٿ ۽ لچڪ جي انهيءَ جذبي سان رهنمائي حاصل ڪندي پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت قومي سلامتيءَ جي گهرجن کي پورو ڪرڻ، معاشي استحڪام کي بحال ڪرڻ، مالياتي ڊسيپلين کي مضبوط بڻائڻ، ترقياتي ڪمن کي تيز ڪرڻ ۽ معاشري جي ڪمزور ترين طبقي جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي.

**جناب اسپيڪر!**

سنڌ لاءِ اهو بلڪل واضح آهي تہ سنڌ هڪ اهڙو صوبو آهي جنهن جي شهري معيشت وسيع آهي، جتي وڏيون بندرگاهون آهن، صنعتي سرگرميون ۽ اهم زرعي پيداوار موجود آهي اهو عالمي سطح تي ٿيندڙ ڪن بہ لاهن چاڙهن سان شديد متاثر ٿي سگهي ٿو اسين هڪ وسيع ۽ وڏيڪ ڊجيٽيلائيزڊ روينو بيسڊ، بهتر ٽيڪس نظام ۽ ڊيٽا انٽيگريشن، توانائي جي بچت، قابل تجديد توانائي، ٽرانسپورٽ، پاڻي ۽ ٻوڏ کان بچاءَ جي شعبي ۾ سيڙپڪاري، روانگي واپار تي ٻڌل صنعت، لاجسٽڪس، ٽيڪنالاجي ۽ ويليو ايڊيڊ زراعت لاءِ مدد، ضرورتمند خاندانن لاءِ ٽارگيٽيڊ سماجي تحفظ ۽ شفاف سرڪاري مالياتي انتظامڪاريءَ ذريعي معاشي استحڪام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ مڪينزم تيار ڪري رهيا آهيون، جيڪو مالياتي ڊسيپلين کي برقرار رکندي ترقياتي ترجيحن جو تحفظ ڪري سگهي.

پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظيرڀٽو جي نظرين جي رهنمائي حاصل ڪندي، عوامي اُميدن تي پورو لهڻ لاءِ سدائين مسلسل جدوجهد ڪئي آهي. پارٽي، اُن جي قيادت ۽ 2008 کان 2026 تائين اسانجي ڪارڪردگيءَ کي عوام جي دائمي اعتماد ۽ اڻٽٽ حمايت اسانکي ان قابل بڻايو آهي تہ اسان صوبائي وسيلن جي ترقيءَ وسيلي اعليٰ معيار ۽ شموليت ۾ واڌ کي هٿي ونرائڻ لاءِ پنهنجي نظريي کي حقيقت جو روپ ڏيئي سگهون. گلگت بلتستان ۾ تازين چونڊن ۾ اسانجي شاندار ۽ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ان ڳالھ جو واضح ثبوت آهي تہ پاڪستان جو عوام اسانجي قيادت تي ڀروسو رکي ٿو. آئون هن معزز ايوان کي آگاھ ڪرڻ چاهيان ٿو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي موجوده سال ۾ ٻٺ خيلہ ۽ مالاڪنڊ ۾ 999.5 ملين (اٽڪل هڪ ارب) رپين جي لاڳت سان وومين ٽيڪنيڪل ووڪيشنل ايجوڪيشنل اينڊ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (عورتن لاءِ فني ۽ پيشيوراڻي تربيتي اداري) جي قيام جو هڪ منصوبو شروع ڪيو آهي، ان کان علاوه بلوچستان ۾ صحبتپور ۽ جعفرآباد (اڳوڻي نصيرآباد) ضلعن ۾ ٻوڏ متاثر 4500 گهرن جي ٻيهر تعمير لاءِ 2 ارب روپيا مختص ڪيا ويا آهن، انشاءَ الله اهي سمورا گهر مئي 2027

تائين مڪمل ڪيا ويندا، اهو عمل يڪجهتي ۽ عوام دوست بحاليءَ جي وسيع تر قومي جذبي جي عڪاسي ڪري ٿو.

**جناب اسپيڪر!**

اڄ کان اٽڪل ڏهاڪا اڳ جڏهن پاڪستان پيپلزپارٽي اقتدار جون واڳون سنڀاليون تہ سنڌ جو معاشي منظرنامو استحڪام، مالياتي ڊسيپلين، مسلسل ترقي ۽ واڌ ويجهہ سان گڏوگڏ عوامي سيڙپڪاري جو هڪ مضبوط پورٽ فوليو کي برقرار رکڻ جي حوالي سان نمايان رهيو آهي، هي انهن شعوري فيصلن جو نتيجو آهي جيڪي اسان وڌندڙ غيريقيني واري صورتحال ۽ عالمي جنگين جي دور ۾ بہ ڪيا. جنهنڪري عالمي معاشي نظام درهم برهم ٿي ويو ۽ مهانگائيءَ جي دٻاءُ صوبي جي هر طبقي کي تمام گهڻو متاثر ڪيو، اسانجي حڪومت صدر آصف علي زرداري جي رهنمائي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي متحرڪ قيادت ۾ سدائين واضح ۽ مستقل مزاجي سان گڏ مُنجهڻ بدران عمل ڪرڻ، لفظن بدران حقيقي سڌارا آڻڻ ۽ کوکلي شهرت بدران عوام کي چونڊيو آهي تنهنڪري جيڪا بجيٽ اڄ پيش ڪري رهيا آهيون اُها انهن چئلينجز جو واضح ادراڪ ۽ ڏکيائين کي موقعن ۾ بدلڻ جي عزم سان تيار ڪئي وئي آهي.

# مالي سال 26-2025 ۾ ڪيل واعدن تي ٿيل اڳڀرائي

**جناب اسپيڪر!**

ايندڙ مالي سال 2026-27 لاءِ سنڌ حڪومت جون ترجيحون ۽ تجويزون پيش ڪرڻ کان اڳ آءٌ معزز ميمبرن اڳيان گذريل مالي سال جي تقرير ۾ ڪيل واعدن تي ٿيل اڳڀرائي تي روشني وجهندس.

# عوام لاءِ گهر ۽ اجها،

**جناب اسپيڪر!**

هڪ محفوظ گهر ڪنهن مٿان نہ رڳو ڇت پر اهو هڪ باعزت تحفظ ۽ بهتر مستقبل جي اميد هوندي آهي، اسان جي حڪومت پوري سنڌ ۾ گهٽ آمدني ۽ معاشري جي ڪمزور طبقي جي زندگي سنوارڻ لاءِ گهرن جي تعمير واري واعدي پاڙڻ جي پابند رهي آهي.

ٻوڏ جي تباهڪارين سبب لکين ماڻهن جي متاثر ٿيڻ کان پوءِ سنڌ حڪومت گهرن جي ٻيهر اڏاوت لاءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي رٿا تي عمل جاري رکيو. ٻوڏ متاثرماڻهن لاءِ گهرن جي اڏاوت جي شروع ڪيل پروگرام (SPHF) ذريعي متاثر ضلعن جي هزارين خاندانن لاءِ نوان ۽ جٽادار گهر تعمير ڪري ڪين باوقار نموني زندگي گذارڻ جو موقعو ڏنو ويو.

**جناب اسپيڪر!**

اها اسان جي حڪومت لاءِ وڏي تسلي ۽ اعزاز جي ڳالھ آهي جو سنڌ پيپلز هائوسنگ اسڪيم صوبي جي غريب ۽ سهولتن کان محروم ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ مضبوط ۽ جٽادار گهرن جي اڏاوت جو بي مثال ۽ شاندار رٿا ثابت ٿي آهي. اسان کي اهو اعلان ڪندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي تہ ماڻهن جون زندگيون تبديل ڪندڙ هي رٿا عوام جي ڀلائي ۽ سندن زندگي جي ٻيهر شروعات واري پختي ارادي جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ ان سان اها اميد پيدا ٿئي ٿي تہ هر مستحق خاندان کي پنهنجو محفوظ اجهو ميسر ٿيندو. سنڌ پيپلز هائوسنگ اسڪيم نہ صرف گهرن جي تعمير پر اها هڪ مدافعت، متاثرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻ ۽ حڪومت پاران جامع ترقي جو مضبوط ارادي جي عڪاس آهي. اها رٿا هاڻي عالمي سطح تي موسم جي هاجيڪار اثرن کان محفوظ گهر، جدت ۽ متاثرن جي بحالي جو اعليٰ مثال بڻجي وئي آهي. عالمي سطح تي اها مڃتا اسان جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي دور انديش اڳواڻي جي ڪري حاصل ٿي آهي، جنهن جي بي مثال پڪي ارادي ان کي ممڪن بڻايو آهي. اڄ هر سال هن معزز ايوان آڏو بجيٽ تقرير ۾ حڪومت جي هن

قدم جي ڏور رس اثرن، منصوبي ۾ وڌ ۾ وڌ ماڻهن کي شامل ڪرڻ ۽ عوام جي زندگين ۾ هاڪاري تبديلي جي اثرن بابت آگاهه ڪندو رهيو آهيان. هيءُ رٿا حڪومت تي سيڙپڪارن ۽ امداد ڏيندڙ ادارن جي اعتماد کي ظاهر ڪري ٿي، جنهن ذريعي حڪومت ايڏي وڏي پيماني تي ماڻهن کي فائدو پهچائي رهي آهي، ڪنهن به قدرتي آفت کان پوءِ ترت بنيادن تي گهرن جي تعمير وارو هي منصوبو 1.675 ارب ڊالر جي پرڏيهي سهڪار سان فيبروري 2023 ۾ شروع ڪيو ويو، جڏهن آءٌ هينئر 2026 ۾ اوهان اڳيان بيٺو آهيان هن وقت تائين 16 لک گهرن جي تعمير جاري آهي، جنهن ۾ 10 لک گهر مڪمل جڙي راس تي چڪا آهن، فقط خيرپور ۾ رکيل رقم جو 94 سيڪڙو استعمال ڪندي هن وقت تائين 2 لک گهر مڪمل ڪيا ويا آهن، هن رقم ذريعي ضلعي جي معيشت سڌو سئون مضبوط ٿي جنهن سان مقامي مارڪيٽ ۽ اتان جي رهاڪن کي فائدو رسيو، رقم سڌو سئون متاثرن کي ڏني وئي، جتي سيڙپڪاري سان نه صرف گهرن جي تعمير ٿي پر ان سان گڏوگڏ معاشي سرگرمين ۽ روزگار جي موقعن ۾ واڌارو آيو.

## جناب اسپيڪر!

متي ذڪر ڪيل حقيقتن ڪانسواءِ عالمي بينڪ جي صدر اجي بنگا (Ajay Banga) جي سنڌ ۾ ميزباني اسان لاءِ خوشي جوڳو عمل رهيو. هن لاڙڪاڻي جي ٻوڏ متاثر ڳوٺ ڀاول جت جو دورو ڪيو، هن ٻوڏ متاثرن جي زندگي بدلائيندڙ منصوبي جو ذاتي مشاهدو ڪيو ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي رٿا جي واکاڻ ڪئي. جتي متاثر خاندان پهنجا گهر پاڻ تعمير ڪري رهيا آهن،

مقامي سطح تي آمدني جا ذريعا پيدا ٿيڻ سان گڏوگڏ مقامي روزگار جا موقعا پڻ پيدا ٿي رهيا هئا ۽ مقامي مارڪيٽ کي هٿي ملي رهي آهي.

## جناب اسپيڪر!

جڏهن اسان هن رٿا ذريعي گهرن جي اڏاوت شروع ڪئي ته اسان کي لاڳاپيل علائقن ۾ واش ۽ بنيادي ڍانچي جي ٻين سهولتن لاءِ چيو ويو ان وقت اسان جي

اوليت گھرن جي تعمير ڪرڻي هئي، ڇو ته مستقبل ۾ ٻيهر برسات يا ڪنهن ٻي قدرتي آفت جي صورت ۾ ماڻهن وٽ محفوظ ۽ جٽادار اجهو هجڻ لازمي هو.

هن رٿا هيٺ اسان پاڻي، صفائي سترائي، گندي پاڻي جي نيڪال ۽ بنيادي ڍانچي جي سڌاري تي پڻ ڪم جاري رکيو، واش پروگرام جي پهرين فيز ۾ 214 ملين ڊالر جي فنڊنگ سان لڳ ڀڳ 1800 ڳوٺن ۽ 2 لک 15 هزار گھرن کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي، گندي پاڻي جي نيڪال، صفائي سترائي سميت ٻيون ضروري سهولتون ڏنيون ويون. جنهن ذريعي 10 لک کان وڌيڪ ماڻهن کي فائدو رسيو. ان ڪانسواءِ يورپي يونين ۽ UNIDO جي مالي سهڪار سان "پائيدار پروگرام " ذريعي سنڌ پيپلز هائوسنگ فيسلٽي (SPHF) هاجيڪار موسمياتي اثرن کي منهن ڏيندڙ رهائشي رٿا هيٺ پنجن ضلعن ٺٽو، بدين،سجاول، ٿرپارڪر ۽ لاڙڪاڻي ۾ آبادين/وسندين ۾ 22 هزار گھر تعمير ڪيا ويندا. ان ماڊل کي 40 هزار آبادين تائين وڌايو ويندو. فيبروري 2026 ۾ سنڌ پيپلز هائوسنگ اسڪيم (SPHF) ڪراچي ۾ "ايشيا-پيسفڪ شيلٽر ۽ سيٽلمنٽ فورم 2026" منعقد ڪيو ويو. اها 2018 ۾ شروع ٿيل ان فورم جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي گڏجاڻي هئي. جنهن ۾ 77 ملڪن مان 100 کان وڌيڪ عالمي وفدن سميت 1000 قومي وفدن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي. انهن وفدن ٺٽو، ڄامشورو ۽ حيدرآباد جي رٿائن جو دورو پڻ ڪيو. جتي انهن وڏي پيماني تي گھرن جي اڏاوت واري زندگي بدلائيندڙ منصوبي جي شفافيت ۽ هاڪاري اثرن جو مشاهدو ڪيو. ان عالمي مڃتا سان نه صرف پاڪستان جي ترقياتي بيانيي جي مضبوطي سامهون اچي ٿي پر ان سان گڏوگڏ ٻوڏ متاثرن لاءِ گھرن جي تعمير جي حوالي سان سنڌ جي اڳواڻي واري ڪردار جي عڪاسي پڻ ٿئي ٿي.

## پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ترقيءَ جي راهه تي گامزن

**جناب اسپيڪر!**

سنڌ حڪومت ملڪ اندر لڳاتار پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت تعميراتي ترقي ۽ عوامي خدمت ۾ اڳڀري رهي آهي، سنڌ هڪ جٽادار ادارتي ڍانچي ذريعي خانگي شعبي جي مختلف اهم پروجيڪٽس ۾ دلچسپيءَ لاءِ ملڪ اندر قومي اڳواڻي ڪئي آهي.

مالي سال 2025-26 صوبائي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت اٽڪل 625 اربن جو ترقياتي ڪم ڪيو آهي جيڪو هن خطي جو وڏي ۾ وڏو ترقياتي ڪم آهي. هن وقت 190 ارب رپين جا ترقياتي ڪم هلي رهيا آهن جڏهن ته 365 ارب رپين جي ترقياتي ڪمن جي سيڙپڪاري صلاحڪاري واري مرحلن ۾ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هن سال صوبي اندر شاهراهه ڀٽو ايڪسپريس وي شهري سفري سهولتن جو هڪ اعليٰ ۽ بيمثال پروجيڪٽ آهي، جڏهن ته صنعتي ترقي جي سلسلي ۾ ماربل سٽي پروجيڪٽ تحت 300 ايڪڙن تي هڪ صنعتي زون قائم ڪيو پيو وڃي جنهن جي نتيجي ۾ سيڙپڪاري، صنعتي ترقي ۽ روزگار جي موقعن جي فراهمي کي ممڪن بڻائي سگهبو. هن پروجيڪٽ ۾ هن وقت تائين 20 ملين آمريڪي ڊالر خرچ ڪيا ويا آهن ۽ اميد ڪجي ٿي ته هي پروجيڪٽ صوبي اندر صنعتي ترقي لاءِ مددگار ثابت ٿيندو.

سنڌ موجوده مالي سال 2025-26 ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروگرام کي همٿائيندي 50 اربن جي بجيٽ جاري ڪئي، جنهن سان تعميراتي ترقي، خانگي سيڙپڪاري ۽ عوامي سهولتڪاري لاءِ هڪ موثر ۽ مفيد پليٽ فارم مهيا ڪيو ويو ۽ موجوده مالي سال ۾ اسان 30 ارب روپيا خرچ ڪري هيٺيون ڪاميابيون ماڻيون آهن. جن ۾:

- 4 مکيه پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروجيڪٽن کي واپاري طور تي عمل ۾ آندو ويو.
- اي ايم او ماڊل تحت 19 گرلز اسڪولن کي مڪمل طور اپگريڊ ڪيو ويو آهي.
- 500 اليڪٽرڪ بسن جي معاهدي ۾ خودمختيار سيڙپڪاري ذريعي توسيع ڪئي آهي.
- ييلو لائين بي آر ٽي پروجيڪٽ جي ڍانچي تحت 256 اليڪٽرڪ بسون هلائڻ تي اڳڀرائي ڪئي آهي.

**جناب اسپيڪر!**

سنڌ جو پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) فريم ورڪ عالمي سطح تي مڃتا ماڻي آهي، جن مان چئن پروجيڪٽس کي گڏيل قومن جي يورپي اڪنامڪ ڪميشن جي پي پي پي فورم ڪمپنڊيم 2026 لاءِ چونڊيو ويو آهي، UNECE جو بنيادي مقصد ميمبر ملڪن اندر معاشي بهتري، سهڪار ۽ جٽادار ترقي حاصل ڪرڻ آهي. ان کان علاوه 115 آمريڪي ملين ڊالر جي ماليت سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروجيڪٽس ۾ پيلا لڳائي ڪاربان خارج ڪرڻ واري منصوبي کي ڏکڻ ايشيا جي سال جو پي پي پي تحت بهترين منصوبو (Deal of the Year) قرار ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي سيڙپڪاري کي ٻين شعبن ۾ اعليٰ سطح تي وڌايو پيو وڃي. جنهن ۾ 88022 هيڪٽرن تي ايڪو سسٽم جي بحالي شامل آهي. ٿر اندر نبي سر ويجهار واٽر ورڪس پروجيڪٽ جي تعميراتي ڍانچي جي سگهه وڌائي 1650 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته سنڌ اندر سيڙپڪاري کي هٿي ونرائڻ لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ جي سلسلي حڪومت پاران ٻين حڪومتن توڙي عالمي ٽياڪڙي ۽ آزاداڻا منصوبن بابت سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ 2010 ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 ۾ ترميم ڪئي وئي آهي.

## مالي سال 26-2025 ۾ پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ تحت شروع ڪيل منصوبا:

هاڻي آئون موجوده مالي سال جي شروع ڪيل ڪجهه پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ وارن منصوبن جو ذڪر ڪندس. ان سلسلي ۾ شاهراهه ڀٽو ايڪسپريس وي پروجيڪٽ جي پهرئين حصي قيوم آباد کان قائدآباد تائين 15 ڪلوميٽرن جو ڪم مڪمل ڪري جون 2025 ۾ عوام جي سفري سهولتن لاءِ کوليو ويو، جنهن تي روزانو 22000 کان وڌيڪ گاڏين جو گذر ٿيندو رهيو، جڏهن ته مڪمل منصوبي جي 39 ڪلوميٽر جو روڊ مئي 2026 ۾ کوليو ويو جيڪو عوام جي لاءِ شاهراه فيصل سان گڏ هڪ ٻيو متبادل سفري سهولت فراهم ڪري ٿو ۽ ڪراچي-حيدرآباد موٽر وي ايم نائين تائين بهتر ۽ تکڙي رسائي کي پڻ ممڪن بڻايو آهي.

نبي سر- ويجهار واٽر ورڪس پروجيڪٽ جو تجارتي ڪم آڪٽوبر 2025 ۾ شروع ڪيو ويو ، هن پروجيڪٽ تحت ٽر بلاڪ ون کي 60.7 ڪلوميٽر جي پائيپ لائين ذريعي 45 ڪيوسڪ پاڻي جي فراهمي لاءِ ڊزائن ڪيو ويو جنهن سان 1650 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ مدد ملي ٿي ۽ سنڌ جي توانائي واري شعبي جي بهتري لاءِ مددگار ثابت ٿي رهيو آهي.

جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي (جائيڪا) جي سهڪار سان سنڌ حڪومت صوبي جي 12 ضلعن اندر 54 پرائمري گرلز اسڪولن کي ايليمينٽري ۽ مڊل اسڪولن ۾ اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي. جنهن ۾ بنيادي سهولتن جهڙوڪ عمارتون، سولر پاور، پيئڻ جو صاف پاڻي، فرنيچر ۽ فلٽريشن سسٽم جي فراهمي ذريعي تعليمي سرگرمين لاءِ بهتر ۽ سازگار ماحول پيدا ڪيو پيو وڃي.

- ايم-9، اين-5 لنڪ روڊ پروجيڪٽ سيپٽمبر 2025 ۾ ڪاروباري سرگرميون شروع ڪري پنهنجي پوري مفاصلي سان ٽول ٽيڪس جو عمل شروع ڪيو. ان منصوبي جو مقصد موجوده روڊ اٽڪل 22.343 ڪلوميٽر جي ڊگهي چار لائين روڊ ۾ تبديل ڪري ايم-9 ۽ اين-5 کي پاڻ ۾ ملائڻ آهي.
- گهوٽڪي-ڪنڊڪوٽ پُل منصوبي تحت سنڌودرياه تي 12.2 ڪلوميٽرز تي مشتمل ٻنهي پاسين کان پل قائم ڪرڻ، جنهن ترقياتي ڪم جون 2027 ۾ مڪمل ڪيو ويندو، پُل ٺهڻ بعد گهوٽڪي ۽ ڪنڊڪوٽ وچ ۾ مفاصلي کي گهٽ ڪري عوام کي اچ وڃ جي بهتر سفري سهولت فراهم ٿيندي، جڏهن ته هن منصوبي تي سال 2025-26 ۾ ڪنسيشن معاهدو صحي ٿي چڪو آهي.
- دريائي ٻيلن ذريعي ڪاربان جي خاتمي واري پروجيڪٽ جي ٽي پيڪيجن تي ڪنسيشن معاهدا مارچ 2026 ۾ عمل ۾ آندا ويا. هن منصوبي تحت سنڌو درياهه جي ٻنهي پاسي مٽياري ۽ ڄامشورو ضلعي ۾ 35000 هيڪٽر تي ٻيلن جي بحالي ڪئي ويندي.
- اين اِي ڊي ٽيڪنالاجي پارڪ پروجيڪٽ جي سلسلي ۾ ڪويت انويسٽمينٽ اٿارٽي جي ماتحت اداري انٽرٽيڪ هولڊنگز سان ڊسمبر 2025 ۾ معاهدو ڪيو ويو جنهن سان جديد ٽيڪنالاجي انٽرپينوئرشپ، آءِ ٽي شعبي جي واڌ کي هٿي وٺرائڻ آهي.

- هن پروجيڪٽ تحت 150 ملين آمريڪي ڊالرز جي لاڳت سان 17 ماڙ ٽيڪنالاجي پارڪ جوڙڻ آهي.
- ڪراچي پورٽ کان قيوم آباد ڪاريڊور پروجيڪٽ جو معاهدو (ڪنسيشن ايگريمينٽ) مئي 2026 ۾ ڪيو ويو، جنهن بعد تعميراتي ڪم کان اڳ ضروري سرگرمين جو آغاز ڪيو ويو. هن منصوبي جو مقصد بندرگاه کان واپاري سرگرمين جي آمدورفت کي شاهراھ ڀٽو ايڪسپريس وي تائين رسائي کي ممڪن بڻائڻ آهي.

**جناب اسپيڪر!**

مونکي هن معزز ايوان کي اِهو ٻڌائيندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته مالي سال 2025-26 ۾ اسانجي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن کي بين الاقوامي سطح تي سڃاڻپ ۽ پذيرائي ملي آهي.

سنڌ حڪومت جي 115 ملين (ساڍا 11 ڪروڙ) آمريڪي ڊالرن جي ماليت جي دريائي ٻيلن جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروجيڪٽ ايسٽ ٽرپل اِي سسٽين ايبل انفرا اسٽرڪچر ايوارڊ 2026 ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ڊيل آف دي ايئر ڏکڻ ايشيا جو ايوارڊ حاصل ڪيو. ايسٽ ٽرپل اي ايوارڊ ايشيا جو سڀ کان معتبر انفرا اسٽريڪچر پروجيٽ فنانس ايوارڊز ۾ شمار ٿين ٿا. هي ايوارڊ دريائي ٻيلن جي بحالي لاءِ سنڌ جي جديد پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروجيڪٽس تي مشتمل طريقيڪار جي اعتراف ۾ ڏنو ويو.

سنڌ جي چار پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن کي اقوام متحده جي يورپي اقتصادي ڪميشن (UNECE) جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فورم ڪمپينڊيم 2026 ۾ شامل ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو آهي، جيڪو جٽادار ترقي جي هدفن (ايس ڊي جيز) مطابق بين الاقوامي بهترين طريقيڪار تي مشتمل پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن کي پيش ڪرڻ وارو هڪ عالمي سطح تي تسليم ٿيل پليٽ فارم آهي. انهن چونڊ منصوبن ۾ ڪاربان جي خاتمي ٽر ريورائين فاريسٽيشن پروجيڪٽ، شاهراھ ڀٽو ايڪسپريس وي پروجيڪٽ، نبي سر ويجهار واٽر ورڪس پروجيڪٽ، ٽيچر

ٽريننگ انسٽيٽيوٽ اينڊ ڪاليجز پروجيڪٽ ۽ ايجوڪيشن مينيجمينٽ آرگنائزيشن پروجيڪٽ شامل آهن.

**جناب اسپيڪر!**

ماليياتي دٻاءُ مهانگائي ۽ عالمي معيشت جي بي يقيني واري صورتحال جي باوجود سنڌ حڪومت جو گڏيل شموليت ۽ انساني سيڙپڪاري جو عزم اڻٽر آهي. اسان هن سال جي شروعات 575 ارب روپين جي ترقياتي بجيٽ سان ڪئي جنهن ۾ صوبائي ساليانو ترقياتي پروگرام(اي ڊي پي) 520 ارب روپيا ۽ 55 ارب روپيا جي ضلعي اي ڊي پي شامل آهي. اسان هلندڙ سال 476.02 ارب روپيا مختلف ترقياتي منصوبن لاءِ فراهم ڪيا، جنهن ۾ 436.06 ارب روپيا صوبائي اي ڊي پي ۽ 39.06 ارب روپيا ضلعي اي ڊي پي لاءِ جاري ڪيا جيڪو ترقياتي بجيٽ جي 83 سيڪڙو ٿئي ٿو، جڏهن ته جاري ڪيل رقم جو 85 سيڪڙو هلندڙ مالي سال جي پڇاڙي تائين استعمال ٿيڻ جي اميد آهي. هلندڙ مالي سال جي سنڌ جي ڪل ترقياتي بجيٽ جو خرچ 700.934 ارب روپيا گذريل سال جي 611.681 ارب روپين کان 15 سيڪڙو وڌيڪ آهي. جڏهن ته صوبائي اي ڊي پي جو خرچ پڻ 361.367 ارب جيڪو گذريل سال کان 16 سيڪڙو وڌيڪ آهي.

هلندڙ مالي سال دوران اهم شعبن لاءِ ترقياتي فنڊ جاري ڪيا ويا جنهن ۾ زراعت جي شعبي کي 4.68 ارب روپيا ، تعليم جي شعبي لاءِ 26.75 ارب روپيا، صحت لاءِ 17.02 ارب روپيا، گهرو کاتي ۽ پوليسنگ لاءِ 7.03 ارب روپيا، آبپاشي کاتي لاءِ 43.07 ارب روپيا، مڪاني ادارن واري کاتي لاءِ 69.08 ارب روپيا ۽ غيرملڪي فنڊنگ سان هلندڙ منصوبن جي( Matching Allocation) مساوي فنڊز لاءِ 26.09 ارب روپيا رکيا ويا. ڪراچي شهر جي ميگا منصوبن لاءِ 6.05 ارب روپيا، پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ لاءِ 8.1 ارب روپيا، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ڳوناٽي ترقي لاءِ 21.2 ارب روپيا، ٽرڪول انفرااسٽرڪچر جي ترقي لاءِ 16.7 ارب روپيا، ورڪس اينڊ سروسز جي ترقياتي ڪمن لاءِ ترتيب وار 24.3 ارب روپيا ۽ 71.1 ارب روپيا رکيا ويا. صوبائي اي ڊي پي جي ڏس ۾ مالي سال 2026-27 جي بجيٽ جو 385 ارب روپيا ۽ ايندڙ مالي سال ضلعي اي ڊي پي لاءِ 15 ارب روپين جي گنجائش رکي وئي آهي.

# پرڏيهي سهڪار ذريعي ترقيءَ جا منصوبا

## پرڏيهي ۽ وفاقي گرانٽ

فارن پروجيڪٽ اسسٽنس، سنڌ جي ترقياتي پورٽ فوليو جو هڪ اهم جز آهي اهو صوبائي وسيلن کي هٿي ونرائي ٿو ۽ اهم شعبن ۾ انقلابي اُپائن کي لاڳو ڪرڻ کي ممڪن بڻائيندو آهي. سنڌ حڪومت انفرااسٽرڪچر، صحت، تعليم، پاڻي ۽ صفائي سٿرائي، زراعت، ماحولياتي اثرن ۽ سماجي تحفظ ۾ سيڙپڪاري کي تيز ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي آهي. اهڙي قسم جون حصيداريون ترقياتي چئليجن کي منهن ڏيڻ، اسان جي شهرن جي زندگي بهتر بڻائڻ ۽ صوبي جي گهڻ وقتي سماجي ۽ معاشي ترقي جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آئي آهي. هن وقت سنڌ زراعت، تعليم، توانائي، آبپاشي، لائيو اسٽاڪ، بلديات، سماجي تحفظ ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن ۾ اي ڊي بي، (ADB) آئي ايف اي ڊي(IFAD)، عالمي بينڪ، جاپان، ڪوريا ۽ اسلامڪ ڊيولپمينٽ بينڪ سان حصيداري ڪري رهيو آهي. ايف پي اي جو پورٽ فوليو 336.74 ارب روپين تي قائم آهي. جنهن مان مالي سال 2025-26 ۾ غير ملڪي امداد سان هلندڙ منصوبن تي 259.8 ارب روپين جو خرچ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. ايندڙ مالي سال 2026-27 جي لاءِ ايف پي اي (FPA) تحت بجيٽ ڪاٿو 256.1 ارب روپيا مقرر ڪيو ويو آهي.

**جناب اسپيڪر!**

وڌندڙ ترقياتي ضرورتن ۽ مالي مجبورين جي هن دور ۾ وفاقي گرانٽ ترقياتي منصوبن لاءِ فنڊنگ جو هڪ اهم ذريعو آهي. جنهن سان سنڌ حڪومت کي مالياتي نظام برقرار رکندي اسٽريجڪ منصوبن لاءِ سيڙپڪاري جاري رکڻ موقعو ملي ٿو. ان گرانٽ کي موثر طريقي سان استعمال ڪندي صوبو پنهنجي ترقياتي حدفن کي حاصل ڪرڻ جي بهترين پوزيشن ۾ آهي. هلندڙ مالي سال دوران ان مقصد لاءِ 76.6 ارب روپين جا فنڊ رکيا ويا، جڏهن ته ايندڙ مالياتي سال جي بجيٽ ۾ 64.33 ارب روپين جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. هلندڙ مالي سال ۾ هيٺ ڏنل هم منصوبن تي 34.6 ارب روپين جا فنڊ خرچ ٿي چڪا آهن.

- ❖ سانگهڙ کان صالح پٽ روڊ اين 5 روهڙي پوائينٽ تائين 221 ڪلو ميٽر روڊ جي بحالي
- ❖ نواب شاهه کان راڻي پور تائين مهراڻ هاءِ وي سان 135 ڪلو ميٽر جي اضافي ڪيريج وي (DUAL CARRIAGE WAY)جي تعمير
- ❖ سائيٽ SITE انڊسٽريل اسٽيٽ ۾ روڊن جي بحالي
- ❖ گريٽر ڪراچي واٽر سپلائي اسڪيم
- ❖ ميرپور ماٿيلو ۾ روهڙي گڊو بئراج روڊ جي تعمير
- ❖ ٽنڊوالهيار کان ٽنڊو آدم روڊ جي ڊيولائيزيشن
- ❖ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ گهرن جي ٻيهر تعمير

## مالي سال 2025-26 جو ترقياتي منظرنامو

مالي سال 2025-26 دوران سنڌ پنهنجي تاريخ جي سڀ کان وڏيڪ خرچن جو هدف حاصل ڪيو جيڪو انفرااسٽرڪچر عوامي خدمتن ۽ انساني ترقي ۾ سيڙپڪاري جاري رکڻ جي اسان جي پختي ارادي جي عڪاسي ڪري ٿو. هي ڪاميابي ظاهر ڪري ٿي ته مالياتي ڊسپلين ۽ ترقياتي ڪم هڪ ٻئي جا متضاد نه پر مددگار ۽ اسان جي گڏيل ترجيح آهن.

هاڻي آءٌ هلندڙ مالي سال 2025-26 لاءِ شعبي وار ترقياتي ڪاميابين جو هڪ جائزو پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

## پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ

پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي شعبي ۾ موجوده مالي سال 2025-26 دوران مختلف ترقياتي ڪمن لاءِ مختص ڪيل 27.12 ارب روپين جي فنڊن جي مد ۾ 21.2 ارب روپين جا فنڊ فراهم ڪيا ويا. 150 رٿائون مڪمل ڪيون ويون، جڏهن ته 135 رٿائن تي ڪم جاري آهي.

ان کان سواءِ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي طرفان " واٽر سپلاءِ اسڪيم (الٽرا فلٽريشن پلانٽ) رتوديرو " نالي اهم پروجيڪٽ مڪمل ڪيو ويو آهي، جيڪو عوام

ڪي لاءِ ڏئي رهيو آهي، جڏهن ته شهدادڪوٽ شهر لاءِ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي ٻن اهم منصوبن تي ڪم هلندڙ آهي جيڪو سال 27-2026 دوران مڪمل ڪيو ويندو.

ان کان سواءِ لاڙڪاڻي شهر لاءِ گندي پاڻي جي نيڪال نئين نظام جي اڏاوت لاءِ " اپ گريڊيشن آف ڊرينيج سسٽم آف لاڙڪاڻو سٽي" جي نالي سان هڪ اهم رٿا جي منظوري ڏني وئي آهي، جنهن تي سال 27-2026 دوران عمل درآمد ڪيو ويندو. پاڻي جي فراهمي جي شعبي ۾ هڪ وفاقي اداري پي سي آر ڊبليو آر (PCRWR) جي ذريعي سڄي سنڌ ۾ زمين هيٺ پاڻي جي معيار، مقدار ۽ ميپنگ جي لاءِ ڪم شروع ڪيو پيو وڃي. هن رٿا ذريعي سنڌ اندر زمين هيٺ پاڻيءَ جي دستيابي ۽ معيار بابت تفصيلي معلومات مهيا ٿيندي.

# ورڪس اينڊ سروسز

موجوده مالي سال 26-2025 دوران ورڪس اينڊ سروسز جي مختلف رٿائن جي لاءِ 71.1 ارب روپين جا فنڊ مهيا ڪيا ويا، جن مان 69.937 ارب روپيا هن سال خرچ ڪيا ويا آهن. ان کانسواءِ ايمرجنسي فلڊ اسسٽنس لاءِ سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريڪنسٽرڪشن پروجيڪٽ جي (FPA) ڪمپوننٽ لاءِ 7.1 ارب روپين جا فنڊ مهيا ڪيا ويا آهن.

# مڪاني ادارن تحت ترقي

موجوده مالي سال 26-2025 ۾ هلندڙ 696 رٿائن جي ترقياتي ڪمن لاءِ 69.8 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا، جن مان هن سال 52.2 ارب روپيا خرچ ڪيا ويا آهن. اهڙي ريت ڪِلڪ جي ترقياتي اسڪيم تي عملدرآمد لاءِ (FPA) ڪمپوننٽ جي لاءِ 16.77 ارب روپين جا فنڊ فراهم ڪيا ويا آهن جن تي هن مهل تائين مجموعي طور تي 24.5 ارب روپين جو خرچ اچي چڪو آهي. ان منصوبي جو مقصد ڪراچي شهر ۾ شهري انتظام کي بهتر بڻائڻ، ميونسپل سروس ڊليوري کي وڌائڻ ۽ ڪاروباري ماحول کي هٿي ڏيڻ آهي. ان ۾ مڪاني ڪائونسلز جي لاءِ هيٺين سطح تي ترقياتي رٿائن لاءِ رقم فراهم ڪئي وئي آهي، جن ۾ عوامي پارڪ، راندين جا ميدان ۽ روڊن جو نيٽ ورڪ شامل آهي. اهو منصوبو سنڌ بزنس ون اسٽاپ شاپ (ايس-باس) جي معاونت ڪري ٿو. ان سان ڪاروبار جي رجسٽريشن ۽ افتتاح تائين لائسنسنگ کي ڊجيٽلائيزڊ ڪيو پيو وڃي ته جيئن صوبي اندر سيڙپڪاري کي وڌيڪ تيز ۽ شفاف بڻايو وڃي. ان ڪانسواءِ ان ذريعي اربن امووايبل پراپرٽي ٽيڪس (يو آءِ پي ٽي) جامع سرويز به ڪيا وڃن ٿا ۽ ان تحت جي آءِ ايس- تي ٻڌل ميپنگ (جهڙوڪ اينٽي انڪروچمينٽ سيلز) جو انتظام به جڙيل آهي ته جيئن شهر جا پنهنجا بهتر وسيلا پيدا ڪري سگهجن ۽ انهن جو انتظام هلائي سگهن. ان ڪانسواءِ اهو مڪاني ادارن جهڙوڪ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ( ڪي ايم سي) کي جديد مينيجمينٽ ۽ ڊجيٽل سسٽمز تي هلائڻ ۾ به مدد فراهم ڪري ٿو. ان ڏس ۾ سيلف اڪائونٽنگ اينٽٽيز جي لاءِ ڪراچي ۾ ايس اي پي (سيپ) جو ڪسٽمائيزڊ ورزن پڻ تيار ڪيو ويو آهي. ڪي ايم سي هاڻي سمورن ملازمن جي آئي بي اي اينز (IBANs) ۽ سي اين آءِ سي (CNICs) ڊيٽا کي استعمال ڪندي، اي جي سنڌ جي پيرول مينيجمينٽ جي ڊجيٽلائيزڊ سسٽم جي ذريعي پنهنجي 25 ٽي ايم سيز لاءِ پگهار ۽ پينشن جي ادائيگي ڪري رهي آهي.

# آبپاشي نظام جي مضبوطي

سنڌ اندر آبپاشي جي نظام جي وڌيڪ مضبوطيءَ لاءِ هلندڙ مالي سال دوران پڇڙيءَ جي آبادگارن ۽ ٽرڪول پاور پلانٽس کي پاڻيءَ جي فراهمي لاءِ 38 رٿائن جي مد ۾ 43.69 ارب روپين جا فنڊ فراهم ڪيا ويا، جيڪي هن سال 2026 جي پڄاڻيءَ تائين مڪمل ڪيون وينديون. ان ڪانسواءِ اوپن ڪينالز اينڊ لائننگ سب سيڪٽرز تحت 59.6 ارب روپين جي مجموعي لاڳت سان ڪينالن جي استرڪاريءَ لاءِ 55 رٿائون پڻ هلندڙ آهن، جن مان صوبائي ساليانی ترقياتي پروگرام تحت 634 ميل ڪينالن جي استرڪاري ڪئي ويندي، ڪينالن جي استرڪاريءَ جي ذريعي پاڻيءَ کي محفوظ بڻائڻ لاءِ 91.4 ارب روپين جي لاڳت سان ڪينالن جون 146 رٿائون هاڻي مڪمل ڪيون ويون آهن. اسان ننگر پارڪر ۽ ڪوهستان جي علائقن ۾ مختلف قسمن جي ننڍين ڊيمن جي اڏاوت لاءِ 122 امڪاني سائيٽس جي نشاندهي ڪئي آهي. اي ڊي پي/ پي ايس ڊي پي تحت ننگر پارڪر ۽ ڪوهستان جي علائقي ۾ هن مهل تائين 199 ننڍين ڊيمن، ريچارج ڊيمز ۽ ڊلي ايڪشن ڊيمز تي ڪم هلندڙ آهي. اهي اڏاوتون ڪارونجهر ۽ ڪيرٿر جبلن مان وهندڙ پاڻي جو ذخيرو ڪرڻ ۾ مدد ڏينديون، جڏهن ته اهي اٽڪل 512،360 ايڪڙن تي مشتمل ايراضي آباد ڪنديون ۽ ماڻهن ۽ چوپائي مال کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪنديون.

ان ڪان علاوه عالمي بينڪ جي سهڪار سان 3 سمورا اهم ترقياتي منصوبا جوڙيا ويا آهن. انهن رٿائن کي هن سال مڪمل ڪرڻ لاءِ 22.2 ارب روپين جا فنڊ فراهم ڪيا ويا آهن. انهن رٿائن ۾ سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ ۽ سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ شامل آهن. اهي منصوبا سال 2022 جي دوران تباهه ٿيل انفرااسٽرڪچر جي بحاليءَ لاءِ هلندڙ آهن. انهن ۾ ڪجهه اهم منصوبا هيٺين ريت آهن.

I. گهارو ڪيٽي بندر روڊ ڪان 48 ڪلوميٽر جي وٿان ڳوٺ الله ڏنو شوئاني تائين روڊ جي مرمت
II. غلام نبي چنو ڪان ڳوٺ هادي بخش چنو تائين روڊ جي بحالي
III. مورو منياڻي مناهي روڊ جي بحالي
IV. حيدرآباد شيخ پرڪيو روڊ ڪان ڳوٺ يارو رند تائين روڊ جي مرمت

V. ٺنڊو آدم ٺنڊوالهيار کان عمر ساند روڊ تائين روڊ جي مرمت

ان کان علاوه هاڻ وي ايم نائن تي ريسيڪو 1122 سيٽلائيٽ اسٽيشن ۽ پي ڊي ايم اي ويئر هائوس قائم ڪرڻ سان انهن منصوبن تحت صوبائي ايمرجنسي ريسپانس جون صلاحيتون وڌايون ويون آهن، ان کانسواءِ جيز ڪيش پاران 80 هزار نوان واليٽس (عورتن لاءِ 45 سيڪڙو) پڻ قائم ڪيا ويا آهن ۽ ٻوڏ متاثرن ۾ 2 ارب روپيا ورهايا ويا آهن. هي عالمي بينڪ جي سهڪار سان 15 ارب روپين جي لاڳت سان مقامي انفرااسٽرڪچر جي بحالي واري منصوبي جي هڪ ڪڙي آهي.

## هيلٿ ڪيئر سروسز

صوبي جي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ڪمزور ۽ وانجهيل آبادي کي برابري جي بنياد تي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اعليٰ معيار تي ٻڌل هيلٿ ڪيئر سروسز جي فراهمي انتهائي اهم آهي. سنڌ حڪومت اسپتالن، هيلٿ ڪيئر جي ابتدائي سهولتن، ايمرجنسي سهولتن، ڊزيز پروينٽيشن پروگرامز ۽ جديد طبي انفرااسٽرڪچر جي واڌاري جي ذريعي هيلٿ ڪيئر ڊليوري جي نظام کي مربوط ڪندي، شهرين کي جديد طبي سهولتن جي فراهمي لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. هلندڙ مالي سال دوران موجوده خرچ لاءِ 336.457 ارب روپين جا فنڊ فراهم ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ ترقياتي خرچ جي لاءِ 45.377 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا آهن. مونکي هن معزز ايوان اڳيان هلندڙ مالي سال دوران صحت جي سهولتن جي سڌاري جي لاءِ کنيل اهم قدمن بابت آگاهي ڏيڻ جي اجازت ڏني وڃي.

### نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪيولر ڊيزيز (NICVD)

نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪيولر ڊيزيز (NICVD) دنيا جي وڏي ۾ وڏي سرڪاري شعبي جي ڪارڊڪ ڪيئر سسٽمز مان هڪ طور پنهنجي حيثيت کي برقرار رکيو پيو اچي. مالي سال 2025-26 دوران سنڌ حڪومت اعليٰ ثانوي درجي جي ڪارڊڪ ڪيئر سروسز جي واڌاري لاءِ اهم سهڪاري اپاءَ ورتا. 1.2 ارب روپين

جي لاڳت سان نئون اين آءِ سي وي ڊي آئوٽ پيشنٽ ڪامپليڪس تعمير ڪيو ويو آهي جيڪو آپريشنل آهي ۽ هن وقت سراسري طور تي ماهوار 46،230 مريضن کي خدمتون فراهم ڪري رهيو آهي، جڏهن ته هر مهيني اٽڪل 40،500 ڊائگنانسٽڪ ٽيسٽون پڻ ڪري رهيو آهي. ايمرجنسي کي توسيع ڏيڻ لاءِ 600 ملين روپين جي لاڳت سان 100 بسترن وارو ايمرجنسي بلاڪ قائم ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه انسٽيٽيوٽ پاران 250 ملين روپين جي لاڳت سان مخصوص **ڪلينيڪل ٽرائل يونٽ**، جي تعمير پڻ شروع ڪئي وئي آهي جنهن سان جديد ڪارڊيوويسڪيولر تحقيق ۽ نواڻ ۾ مدد ملندي. اهڙيون سيڙپڪاريون سنڌ ۽ سڄي پاڪستان کان ايندڙ مريضن کي دل جي علاج جون مفت معياري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اين آءِ سي وي ڊي جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪري رهيون آهن.

## سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪيولر ڊزيز (SICVD)

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪيولر ڊيزيز (SICVD) مالي سال 26-2025 دوران سرڪاري شعبي ۾ پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ڪارڊڪ هيلٿ ڪيئر نيٽ ورڪس مان هڪ طور پنهنجي حيثيت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. سڄي سنڌ ۾ 10 ڪارڊڪ اسپتالن ۽ 30 چيسٽ پين يونٽس جي نيٽ ورڪس ذريعي ايس آءِ سي وي ڊي 3.44 ملين کان وڌيڪ مريضن کي مفت علاج فراهم ڪيو جنهن تي اٽڪل 13.3 ارب روپيا خرچ آيو ان نيٽ ورڪ ذريعي 15،927 ايمرجنسي اينجيوپلاسٽيز، 12،757 ڪارڊڪ ڪيٿيٽرائيزيشن پروسيجرز، 1،914 اوپن هارٽ سرجريز ۽ 1.49 ملين کان وڌيڪ نان -انويسو ڊائگنوسٽڪ پروسيجرز ڪيا ويا، جڏهن ته سنڌ اندر 736 بسترن تي ٻڌل علاج جي سهولت کي برقرار رکيو ويو. جيسٽ پين يونٽ نيٽ ورڪ طرفان 9،610 ايمرجنسي اسٽيمي هارٽ اٽيڪ ڪيسز، سميت 432،999 مريضن جو علاج ڪيو ويو، جنهن ۾ شهري ۽ پنتي پيل ضلعن اندر وقت سر حياتي بچائيندڙ علاج کي يقيني بڻايو ويو. هن سال دوران ايس آءِ سي وي ڊي شهيد بينظير آباد اسپتال ۾ علاج جي صلاحيت ۾ خاطر خواه اضافي لاءِ ان کي 15 بسترن کان 65 بسترن تائين وڌايو ويو. سکر ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ نيورو-اسٽروڪ انٽروينشن سروسز ۾ توسيع جاري رهي جنهن ۾ 2026 دوران 105 ڪيسز جي واڌ سان پروسيجرز عمل ۾ آندا

ويا، جڏهن ته ساليانو 300 انٽروينشنز لاءِ بنيادي ڍانچو تيار ڪيو ويو آهي. حڪومت، سانگهڙ ۽ دادو ۾ نون چيسٽ پين يونٽس جي قيام جي ذريعي ايمرجنسي ڪارڊڪ سروسز ۾ اضافو ڪري رهي آهي، جڏهن ته شهدادپور چيسٽ پين يونٽ مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهي. ان ڪانسواءِ سکر، حيدرآباد ۽ ٽنڊومحمد خان ۾ اليڪٽروفزيولاجي (اي پي) ليبارٽريز ۽ اسپيشلائيزڊ ڪارڊڪ انٽروينشن سهولتون قائم ڪيون ويون آهن. جنهن سان شهرين کي جديد ڪارڊڪ ريٿيم مينيجمينٽ ۽ انٽروينشنل ڪارڊيولاجي سروسز فراهم ٿينديون. انهن سيڙپڪاري ذريعي سڄي سنڌ ۾ عالمي معيار جي ڪارڊڪ ۽ اسٽروڪ ڪيئر جي مفت سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو آهي.

## سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (SIUT)

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (SIUT) عالمي معيار جي علاج جون مڪمل مفت سهولتون فراهم ڪرڻ جي پنهنجي مشن کي جاري رکيو ۽ رينل ڪيئر، ٽرانسپلانٽيشن، اونڪالاجي، هيپاٽالاجي ۽ اسپيشلائيزڊ سرجري نيشنل سينٽر آف ايڪسيلنس طور پنهنجي حيثيت برقرار رکي. نه رڳو سنڌ پر پنجاب، بلوچستان، خيبرپختونخواهه، گلگت بلتستان، آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ اسلام آباد جي گاديءَ واري هنڌ کان ايندڙ مريضن کي علاج جون سهولتون فراهم ڪندي ايس آءِ يو ٽي پاڪستان اندر هيلٿ ڪيئر جي هڪ نهايت معتبر اداري ۽ برابري جي بنياد تي طبي سهولتون ڏيندڙ اداري طور پنهنجي اعزاز کي برقرار رکيو.

سال 2025-26 سنڌ حڪومت ايس آءِ يو ٽي جي سڄي صوبي اندر نيٽ ورڪ کي وڌائڻ لاءِ ان جي سهائتا جاري رکي. 250 بسترن تي ٻڌل ايس آءِ يو ٽي ٻارڙن جي اسپتال هينئر 80 سيڪڙو آپريشنل آهي ۽ 53،099 او پي ڊي ڪنسلٽيشنز، فراهم ڪري چڪي آهي، جڏهن ته پنهنجي ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ، ڊائلائسز يونٽ، انپيشنٽ واردز، آءِ سي يو، ڪيٿ ليب ۽ ڊائگنوسٽڪ سهولتن ذريعي پيڊيا ٽرڪ نيفرولاجي، يورولاجي ۽ ڪارڊيولاجي سروسز فراهم ڪري رهي آهي. هن سال هن اداري جي لاءِ هڪ ارب روپيين جا فنڊ جاري ڪيا ويا، اميد آهي ته آگسٽ 2026 تائين هي ادارو مڪمل طور ڪم شروع ڪري ڇڏيندو. ايس آءِ يو ٽي اندرين سنڌ ۾ اسپيشلائيزڊ

هيلٿ ڪيئر سروسز ۾ واڌاري ڪي پڻ جاري رکيو آهي. سال 26-2025 دوران سکر ۾ مڪمل طور ڪم ڪندڙ ايس آءِ يو ٽي ميڊيڪل سينٽر 57،334 او پي ڊي ڪنسلٽيشنز، 33،429 ايمرجنسي ڪنسلٽيشنز، 53،119 ڊائلاسز سيشنز، 27،956 سرجيڪل پروسيجرز، 12،359 داخلائون، 1،869 ليٿوٽرسپي پروسيجرز، 33،060 ريڊيولاجي انويسٽيگيشنز ۽ 1.44 ملين کان وڌيڪ ليبارٽري ٽيسٽون سرانجام ڏنيون. سکر ۾ اونڪالاجي سينٽر جي اڏاوت جاري آهي، جڏهن ته اتر سنڌ ۾ بلوچستان ۽ پنجاب جي پر وارن علائقن مان ايندڙ مريضن جي لاءِ اسپيشلائيزڊ ٽريٽمينٽ سروسز جن ۾ ڪڊني ٽرانسپلانٽيشن شامل آهي کي وڌائڻ لاءِ فيز -II توسيع منصوبي جي رٿابندي ڪئي وئي آهي. لاڙڪاڻي اندر جديد سهولتن تي ٻڌل ايس آءِ يو ٽي يورولاجي اسپتال جي اڏاوت 2026 جي پڄاڻيءَ تي شروع ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ان علائقي لاءِ جديد روبوٽڪ سرجري ۽ اسپيشلائيزڊ يورولاجيڪل ٽريٽمينٽ جون سهولتون متعارف ڪرايون وينديون . لاڙڪاڻي ۾ موجوده ايس آءِ يو ٽي ۽ ڊي ڪيئر ڊائلاسز سينٽر پنهنجون ضروري خدمتون جاري رکندي سال 26-2025 دوران 24،065 ڊائلاسز سيشنز 1،248 ريڊيولاجي انويسٽيگيشنز ۽ 135،650 ليبارٽري ٽيسٽون سرانجام ڏنيون. ان ڪانسواءِ حياتي بچائيندڙ رينل ڪيئر سروسز تائين رسائي وڌائڻ ۽ علاج لاءِ ڊگهي فاصلي کان سفر ڪري ايندڙ مريضن تان بار گهٽائڻ لاءِ نوان ڊائلاسز ۽ ڊي ڪيئر سينٽر قائم ڪيا پيا وڃن. اهي سيٽڙپڪاريون ايس آءِ يو ٽي جي ڪردار کي هڪ قومي مجيل اداري طور توسيع ڏئي رهيون آهن جيڪو پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ايندڙ مريضن کي مفت اعليٰ معياري ۽ اسپيشلائيزڊ هيلٿ ڪيئر سروسز فراهم ڪري رهيو آهي.

جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC) پاڪستان جي سڀ کان وڏي ٽرشري ڪئريئر ٽيچنگ اسپتالن ۽ ريفرل سينٽرز مان هڪ طور تي پنهنجي پوزيشن برقرار رکي. جيڪا نه فقط سنڌ پر پاڪستان جي 178 شهرن ۽ پوري دنيا جي 24 ملڪن جي مريضن کي خدمتون فراهم ڪري رهي آهي. مالي سال 26-2025 دوران (JPMC) تقريبن 2.58 ملين (ساڍا پنجويھ لک کان وڌيڪ) مريضن کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون جن ۾ 617436 ايمرجنسي ڪيسز شامل هئا. جڏهن ته اسپتال ۾ 63554 مريض داخل ٿيا ۽ 38487 وڏا آپريشن ڪيا ويا. هي ادارو ڪينسر جي علاج

۾ سڀ کان اول رهيو جتي آنڪولوجي( ڪينسر) جي 51711 مريضن جو علاج ڪيو ويو، ريڊيو ٿراپي جا 31189 سيشنز، ڪيموٿراپي جا 16915 سيشنز، آنڪولوجي جا 6652 آپريشنز ۽ 3831 (PET-CT) اسڪينز ڪيا ويا. جنهن سان اهو هن خطي جو سڀ کان وڏو سرڪاري آنڪولوجي پروگرام مان هڪ ٿي ويو.

سنڌ حڪومت ۽ پيشنٽس ايڊ فائونڊيشن (PAF- JPMC) جي وچ ۾ ڪامياب پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي جي پي ايم سي ۾ بسترن جي گنجائش 1100 مان وڌي 2208 بستر تي چڪي آهي. هن سال 12 منزلن واري 550 بسترن تي مشتمل ميڊيڪل ٽاور تي واضع اڳڀرائي حاصل ڪئي وئي. جنهن ۾ خاص طبي خدمتون، بيمارين جي جديد سيٽاپ واري نظام،آئي سي يوز (ICUs) ، ايچ ڊي يوز، (HDUs) اينڊو اسڪوپي ۽ اي آر سي پي(ERCP) جون سهولتون ۽ ڪارڊڪ ڪيئر (دل جي بيمارين) جا خاص يونٽس جنهن ۾ ٻه جديد ترين ڪيٿراٽرائيزيشن ليبارٽريز (ڪيٿ ليبز) قائم ڪيا ويندا. ان سان گڏ 7 منزلن وارو آفيسرز وارڊ جيڪو 60 مڪمل طور تي طبي سهولتن سان ليس پرائيويٽ ڪمرن تي مشتمل آهي جيڪو مڪمل ٿيڻ وارو آهي. جي پي ايم سي (PAF-JPMC) جي پاران 26 ملين آمريڪي ڊالرن جي لاڳت جا سول ورڪ (اڏاوتي ڪمن) جي فنڊنگ ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ 2026 ۾ طبي اوزارن ۽ يوٽلٽيز جي لاءِ 3.85 ارب روپين جا فنڊ فراهم ڪيا ويا آهن. جي پي ايم سي خصوصي علاج جي سهولتن جي وڌاري ڪي پڻ جاري رکيو. بلقيس عبدالستار ايڊي بريسٽ ريڊيئيشن بي ڪي 2026 جي دوران فعال ٿيڻ جي اميد آهي ۽ هي دنيا جو سڀ کان وڏو مفت سائبرنائيف(Cyber Knife) ۽ ٽومو ٿراپي(Tomo Therapy) پروگرامن مان هڪ کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. مڪمل ٿيڻ کان پوءِ جي پي ايم سي جي ريڊيئيشن انڪولوجي انفرااسٽرڪچر ۾ روزانو 400 ڪينسر جي مريضن جي گنجائش هوندي. ان کان سواءِ جديد طرز جو ايڪيوپيشنل ٿراپي اينڊ آرٽيفشل لمب ورڪشاپ بہ مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهي. جيڪو فالج جي مريضن ۽ معذور ماڻهن جي بحالي ريهبليٽيشن جي خدمتن کي بهتر بڻائيندو.

# سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي (SICHN) مالي سال 26-2025 دوران پنهنجي تيز رفتار پکيڙ کي جاري رکيو ۽ پاڪستان ۾ ٻارن جي صحت جي سارسنڀال جي سڀ کان وڏي نيٽ ورڪ طور اڀريو آهي.(SICHN) نيٽ ورڪ کي 790 بسترن مان 1120 بسترن تائين وڌايو ويو، جنهن سان سنڌ جي 12 ضلعن ۾ ٻار جي پيدائش سميت نئين ڄاول ٻارن ۽ عام ٻارن جي صحت جي خاص خدمتن جو دائرو وسيع ٿيو آهي.

هن سال دوران (SICHN) ۾1.2 ملين (12 لک) کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو جنهن لاءِ 2381 هيلٿ ڪيئر ماهرن ۽ سپورٽ اسٽاف تي لاڳاپيل افرادي قوت خدمتون سرانجام ڏنيون. وينٽيليٽرن جو انگ 280 مان وڌائي 480 ۽ انڪيوبيٽرز جو انگ 276 مان 421 ڪيو ويو، نازڪ حالت واري مريضن جي سارسنڀال جي گنجائش پڻ وڌائي وئي، جنهن سان (SICHN) کي خطي جي ڪرٽيڪل ڪيئر جو سڀ کان وڏو نيٽ ورڪ بڻائي ڇڏيو. چلڊرن اسپتال ڪورنگي ۾ ٻارن لاءِ مڪمل طور تي فعال سرجيڪل يونٽ قائم ڪيو ويو جڏهن ته سکر ۽ اعظم بستي ۾ ٻارن جي سرجري بابت خاص خدمتن جو سلسلو جاري رهيو. ان کان سواءِ لاڙڪاڻي ۾ نون ڄاول ٻارن لاءِ (NICU) ۽ (PICU) قائم ڪيا ويا، جنهن سان سنڌ جي مٿين علائقن جي عوام جي ٻارن لاءِ جديد طبي سهولتون فراهم ٿيون.

ٻن سالن جي رڪارڊ مدي ۾ مڪمل ٿيل 125 بسترن تي مشتمل (MOTHER AND CHIELD HOSPITAL JAMSHORO) جو مڪمل ٿيڻ ۽ ان کي فعال ڪرڻ هڪ نمايا ڪارنامو آهي. مالي سال 26-2025 دوران سنڌ حڪومت امدادي رقم جي ڏس ۾ 449.4 ملين روپيا ڏنا، جنهن سبب اسپتال ۾ 51252 مريضن کي مفت طبي سهولتون مليون ۽ 30571 ليبارٽري ٽيسٽ ڪيا ويا. هي اسپتال 374 ملازمن سان خطي ۾ ويم،نون ڄاول ٻارن ۽ عام ٻارن جي صحت جي حوالي سان جامع خدمتون فراهم ڪري رهيو آهي. حڪومت (چلڊرن اسپتال ميرپورخاص) قائم ڪرڻ جي منظوري پڻ ڏني جنهن لاءِ گرانٽ طور 742.5 ملين روپيا رکيا ويا، طبي اوزارن جي خريداري مڪمل ٿي چڪي آهي. مرمت ۽ سجاوٽ جي ڪم تي 80 سيڪڙو اڳيرائي ٿي چڪي آهي، جڏهن ته مالي سال 27-2026 جي پهرين ٽن مهينن ۾ اسپتال فعال ٿيڻ جي اميد

آهي. ان کان علاوه (SICHN) شهدادپور، قمبر شهداد ڪوٽ، ميرپور ماٿيلو ۽ سجاول ۾ سيٽلائيٽ سينٽرز ذريعي پنهنجي دائري کي وسيع ڪيو آهي. اوزارن، دوائن جي خريداري، عملي جي ڀرتي مڪمل ڪئي وئي آهي، جڏهن ته شهدادپور، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ميرپورماٿيلو جا مرڪز شروع ٿيڻ لاءِ تيار آهن.

گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز(GIMS) ٽرانسپلانٽ (عضون جي پيوندڪاري) ۽ جديد طبي خدمتن جي حوالي سان پاڪستان جي نالي واري سرڪاري اداري طور خدمتون جاري رکيون آهن. هلندڙ مالي سال دوران هن اداري ۾ 2.97 ملين مريضن جو علاج ڪيو ويو. جن مان 2.89 ملين (OPD) ۽ 306944 داخل ٿيڻ وارا مريض شامل آهن. هن اداري ڪاميابي سان 174 جيري جي پيوندڪاري(لور ٽرانسپلانٽ)، 16 گردن جي پوندڪاري،29 بون ميرو ٽرانسپلانٽ، 209 دل جا آپريشن، 650 نيورو سرجري آپريشن، 1908 (PET-CT) ۽ نيوڪليئر ميڊيسن جي طريقيڪار ۽ ڪينسر جي علاج لاءِ 8667 آنڪولاجي جون طبي سهولتون ڏنيون. سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخواه، گلگت بلتستان،آزاد جمون ۽ ڪشمير، اسلام آباد جي مريضن ان جي خدمتن مان فائدو حاصل ڪيو. لور ٽرانسپلانٽ، سيلولر ٿراپي سينٽرز تي اڳڀرائي جاري آهي. جيڪي پوندڪاري جي علاج ۽ جديد ترين علاج جي سهولتن کي وڌيڪ مضبوط ڪندي.

## ايمرجنسي ميڊيڪل سروسز سنڌ

سنڌ حڪومت(SIEHS -1122) ذريعي ايمرجنسي طبي سهولتن کي مضبوط بڻائڻ جي سفر کي جاري رکيو. سال 2025-26 دوران 110 نيون ايمبولنسز شامل ڪيون ويون جنهن سان ايمبولينسز جو انگ وڌي 545 ٿي ويو، 45 هاءِ وي ايمبولنسز ذريعي ايمرجنسي خدمتن جو دائرو وسيع ڪيو ويو. جنهن سان سنڌ جي وڏن روڊن کي 100 سيڪڙو ڪوريج ملي، ڏورانهن علائقن ۾ سروس ۽ رسائي کي بهتر بڻائڻ لاءِ 26 ٻيڙين سان هڪ (ٻيڙي ايمبولينس سروس) شروع ڪئي وئي، جنهن سان 12 ”ٻيڙي ايمبولينس سروس“ ۽ ساموندي دريائي علائقن ۾ اڳ ئي فعال ٿي چڪي آهي.

صوبي جي مختلف علائقن ۾ ايمبولينس جو انگ 39 مان وڌائي 56 تائين ڪيو ويو آهي. حڪومت 1123 ”ٽيلي ميڊيسن“ جي شروعات پڻ ڪئي آهي جيڪا 24

ڪلاڪ مفت هيلٿ ڪيئر هيلپ لائن سروس آهي جنهن سان طبي، ذهني صحت ۽ خانداني ڪائونسلنگ(مشوري) جون خدمتون فراهم ڪيون وڃن پيون.

(SEIHS) پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي اڪيلي هنگامي رسپانس تنظيم آهي جنهن کي انٽرنيشنل اڪيڊميز آف ايمرجنسي ڊسپيچ (IAED) آمريڪا مان منظور ٿيل آهي. سکر ۾ ڪامياب پائليٽ پروجيڪٽ جي بنياد تي حڪومت پوري صوبي ۾ "سنڌ ايئر ايمبولينس سروس" جي واڌاري جي منظوري پڻ ڏئي ڇڏي آهي، هي سروس شروعاتي طور تي ڪراچي ۾ موجود جديد طبي سهولتن سان هڪ مڪمل جهاز سان ڪم ڪندي ۽ سنڌ جي سمورن پنجن فعال هوائي اڏن کي استعمال ڪندي، جنهن سان ڏورانهن علائقن جي ماڻهن کي ڪنهن به ايمرجنسي دوران هنگامي طور تي ٻاهر ڪڍڻ ۽ طبي سهولت فراهم ڪي يقيني بڻائيندو.

## تعليم ذريعي زندگين ۾ تبديلي ۽ انساني وسيلن ۾ سيڙپڪاري

جناب اسپيڪر!

تعليم سماجي، معاشي ترقي توڙي انساني ترقي جو سڀ کان طاقتور ذريعو آهي. مالي سال 2025-26 جي دوران سنڌ حڪومت پوري صوبي ۾ تعليم تائين رسائي، ان جي معيار ۽ سکيا کي بهتر بڻائڻ ۽ ٻوڏ متاثر اسڪولن جي بحالي توڙي ٻيهر تعمير لاءِ بي مثال سيڙپڪاري جاري رکي. هلندڙ مالي سال دوران سنڌ ۾ ترقياتي ۽ غير ترقياتي سرگرمين لاءِ 365.085 ارب روپين جي وڏي بجيٽ رکي وئي. جنهن مطابق 290 ارب روپين جا رقم جاري خرچن طور استعمال ڪئي وئي. جڏهن ته 24 ارب روپيا اسڪول، ڪاليج جي تعليم، اسٽيوٽا يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي ترقياتي اسڪيمن تي خرچ ڪيا ويا. اهڙي ريت پرڏيهي ملڪي امداد ذريعي ترقياتي رٿائن تي 32.5 ارب روپيا خرچ ڪيا ويا جنهن ۾ ڪلاس رومز جي تبديلي جي ذريعي "سنڌ ارلي لرننگ انهانسمنٽ" (SELECT) پروجيڪٽ، ٻوڏ متاثر بحالي پروگرام هيٺ " سنڌ اسڪول ريهبليٽيشن" پروگرام تحت" سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپرووومينٽ پروجيڪٽ" شامل آهن، (SELECT) منصوبي ذريعي ميرپورخاص، ٽنڊو ۽ ٽنڊو محمد خان جهڙن ضلعن ۾ 45 پرائمري اسڪول ٻيهر تعمير ڪري انهن کي

جديد ڪيمپسز ۾ تبديل ڪيو ويو، جن مان 41 اسڪولن کي پرائمري مان ايليمينٽري ليول تائين ۽ ڇئن اسڪولن کي سيڪنڊري ليول تائين اپگريڊ ڪيو ويو آهي، اسان(SAMRS- اسٽوڊنٽ اٽينڊنس مانيٽرنگ اينڊ ريڊرسيل سسٽم) جي شروعات ڪئي. جيڪو شاگردن جي حاضري چيڪ ڪرڻ، استادن جي ڪارڪردگي کي بهتر ڪرڻ ۽ حقيقي وقت”ريئل ٽائيم“ سکيا جي نتيجن جي نگراني لاءِ ٽيڪنالوجي تي مشتمل ايپ آهي. اهڙي ريت اسان استادن کي اعليٰ معيار جو تدريسي ۽ تعليمي مواد فراهم ڪيو ۽ خاص طور تي ابتدائي تعليم کي ٽارگيٽ ڪيو جنهن سان پرائمري سطح جي شاگردن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيتن ۾ سڌارو آيو، هلندڙ مالي سال دوران هڪ وڏي ڪاميابي 74929 استادن جي ڀرتي جو عمل مڪمل ڪرڻ آهي. جنهن ۾ پرائمري اسڪول ٽيچرز، جونيئر ايليمينٽري اسڪول ٽيچرز ۽ هيڊ ماسٽرز سامل آهن، جنهن سرڪاري تعليمي نظام کي مضبوط ڪيو. استادن جي باقي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڀرتي جو عمل جاري آهي جنهن ۾ 2315 سيڪنڊري اسڪول ٽيچرز، 790 سبجيڪٽ اسپيشلسٽ 1118 ارلي چائلڊ هڊ ٽيچرز ۽ 1237 جونيئر سائنس ٽيچرز شامل آهن. حڪومت تعليمي بنيادي ڍانچي ۽ تدريسي ماحول کي سڌارڻ لاءِ وڏي سيڙپڪاري جاري رکي آهي. هلندڙ مالي سال دوران اسڪولن جون 1312 نيون عمارتون مڪمل ڪيون ويون، جڏهن تہ ٻوڏ متاثر تعليمي ادارن ۾ وڏي پيماني تي بحالي جو ڪم جاري رهيو. ٻوڏ متاثر 5598 اسڪولن مان 1860 اسڪولن تي ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي.

شروعاتي تعليم (ECCE) هڪ ترجيحي شعبو رهيو آهي. حڪومت 1336 (ECCE) ڪلاس رومز قائم ڪرڻ ۽ انهن کي مضبوط ڪري ارلي چائلڊ هڊ ڪيئر ايجوڪيشن جي سهولتن کي وڌايو جنهن سان 3 کان 5 سالن جي 40000 کان وڌيڪ ٻارڙن فائدو حاصل ڪيو. هن سال دوران 752 استادن کي شروعاتي تعليم جي طريقيڪار مطابق تربيت ڏني وئي، جڏهن تہ بنيادي سکڻ جي نتيجن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ 752 نون ڀرتي استادن کي شامل ڪيو ويو. سنڌ بنيادي تعليم بابت پاليسيون ٺاهڻ جي حوالي سان پڻ اڳيري رهي، جن تي عملدرآمد جاري آهي.

حڪومت تعليمي شعبي ۾ ڊجيٽل سڌارن کي تيز ڪيو ۽ شاگردن جي حاضري جي نگراني واري نظام جي شروعات لاءِ هڪ موبائل ۽ ويب تي مشتمل پليٽ فارم

جوڙيو ويو، جنهن سان ابتدائي طور 12 ضلعن جي 600 اسڪولن جي نگراني ڪئي وئي ۽ هاڻ ان جو دائرو پوري صوبي تائين وڌايو پيو وڃي. اهو نظام حاضري جي نگراني کي ممڪن بڻائي رهيو آهي ۽ انهن شاگردن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪري رهيو آهي جن جي اسڪول ڇڏڻ جو خدشو آهي.

اسڪولن جي مالي معاملن کي هيٺين سطح تي منتقل ڪرڻ لاءِ هڪ تاريخي سڌارو آندو ويو. هلندڙ سال تقريبن 18 ارب روپين جي لاڳت سان 34104 اسڪول ڪاسٽ سينٽرز کي فعال ڪندي، ”اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ“ جي قدم ذريعي هيڊ ماسٽرز ۽ پرنسپالز کي مالي خودمختياري ڏني وئي جنهن سان اسڪولن جي ضرورتن جي فوري پورائي لاءِ نظام بهتر ڪيو ويو.

حڪومت تعليم ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ کي مضبوط ڪيو، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ذريعي 3000 کان وڌيڪ اسڪولن ۽ مرڪزن جي نيٽ ورڪ جي تحت هاڻ تقريبن 10 لک ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.”ايڊاپٽ اي اسڪول“ پروگرام هيٺ 17 ضلعن ۾ 202 اسڪول هنج ورتا ويا جنهن سان اسڪولن جي بنيادي ڍانچي، انتظامي معاملن ۽ تعليمي نتيجن ۾ سڌارو آيو.

تعليمي شموليت جي واڌاري لاءِ حڪومت خانگي اسڪولن ۾ قانوني طور تي نافذ 10 سيڪڙو فري شپ پاليسي(مفت تعليم واري پاليسي) کي سختي سان لاڳو ڪيو. اڄ 122670 شاگرد مڪمل يا جزوي طور تي رعايت مان فائدو وٺي رهيا آهن. هن سال اسان 500 ملين (50 ڪروڙ) جي بجيٽ سان پرڏيهي يونيورسٽين ۾ سنڌ جي حقدار شاگردن لاءِ اسڪالرشپ جاري ڪرڻ جي ابتدا ڪئي.

## امن امان ۽ عوامي تحفظ جي مضبوطي:

**جناب اسپيڪر!**

مالي سال 2025-26 دوران امن امان برقرار رکڻ، شهرين جي تحفظ ۽ قانون جي حڪمراني کي مضبوط بڻائڻ، حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل رهيو آهي. ٽارگيٽيڊ آپريشنز، جديد ٽيڪنالاجي تي مبني پولسينگ ۽ اداراتي سڌارن وسيلي سنڌ ۾ عوام جي تحفظ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي نتيجن ۾ نمايان بهتري نظر آئي آهي.

موجوده مالي سال ۾ صوبي جي امن ۽ امان ۽ پوليسنگ نيٽ ورڪ کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ترقياتي ڪمن جي مد ۾ 7.3 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا. جنهن سان اثرائتي پوليسنگ ۽ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشنز ۾ مدد ملي. جنهن جي نتيجي ۾ ڏوهن ۾ نمايان گهٽتائي آئي، ڪراچيءَ ۾ گاڏين جي چوري ۽ ڦُر جي وارداتن ۾ 67 سيڪڙو گهٽتائي آئي، جڏهن ته اسٽريٽ ڪرائيم ۾ 54 سيڪڙو گهٽتائي ڏٺي وئي ۽ ڏوهن جو پتو لڳائڻ لاءِ مجموعي شرح بهتر ٿي ڪري 81 سيڪڙو تائين پهچي وئي.

حڪومت ڪچي جي علائقي ۾ سرگرم ڏوهاري نيٽ ورڪس خلاف پنهنجي فيصلائتي ڪارروائي جاري رکي، مالي سال 2025-26 دوران شڪارپور، ڪشمور ۽ گهوٽڪي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن تي 872 ملين روپيا خرچ آيو، انهن آپريشنز جي نتيجي ۾ 141 پوليس مقابلا ٿيا، 48 ڌاڙيل مارجي ويا، 140 گرفتار ٿيا ۽ حڪومت جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري پاليسي تحت 475 ڄڻن هٿيار ڦٽا ڪيا، جڏهن ته ڪچي جي لڳ ڀڳ 1015 ايڪڙ زمين ڏوهارين جي قبضي مان آجي ڪرائي وئي. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ نمايان اڳڀرائي حاصل ڪئي وئي، 1772 ملين رپين جي سيرپڪاري سان سي ٽي ڊي فيوزن سينٽر کي مڪمل طور تي فعال بڻايو ويو آهي جڏهن ته ان جي ٻئي مرحلي تي ڪم پڻ جاري آهي هن سينٽر 952 ڊجيٽل شاهدين تي ڪارروائي ڪئي، 164 سي سي ٽي وي ۽ وڊيو شاهدين جو تجزيو ڪيو، انٽيليجنس تي ٻڌل تحقيات کي مضبوط بڻايو ۽ 210 دهشتگردن جي خاتمي ۽ هاءِ پروفائيل گهربل ماڻهن جي گرفتاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ سنڌ 2024 جي آخر کان هيل تائين دهشتگردي جي وڏن واقعن کان گهٽي حد تائين محفوظ رهي آهي.

حڪومت ٽريفڪ مينيجمينٽ ۾ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل وڏا سڌارا پڻ متعارف ڪرايا، آرٽيفيشل انٽيليجنس تي ٻڌل فيس ليس اي- ٽڪيٽنگ سسٽم (بغير سامهون اچڻ جي چالان واري نظام) 1.07 ملين (10 لک کان وڌيڪ) اي ٽڪيٽ تيار ڪيا ۽ ڏنڊ جي مد ۾ 840.7 ملين روپيا جمع ڪيا. انهن سڌارن جي ڪري گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ٽريفڪ حادثن ۾ 32 سيڪڙو، قيمتي جانين جي نقصان ۾ 31 سيڪڙو ۽ زخمين جي تعداد ۾ 39 سيڪڙو تائين گهٽتائي آئي آهي. سيف سٽي نگراني جي نيٽ ورڪ

پنهنجي هدف کان وڌيڪ ڪم ڪيو جنهن تحت 1325 سمارٽ ڪيمرائون لڳايون ويون جن ۾ چهرن جي سڃاڻپ ۽ گاڏين جي نمبر پليٽس پاڻ مرادو پڙهڻ وارا سسٽم شامل آهن.

پوليس جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ 1487 اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر (اي ايس آئيز) مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته جاچ جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ 2 هزار جاچ آفيسر ڀرتي ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. ان سان گڏوگڏ پوليس جي بنيادي ڍانچي کي جديد بڻائڻ تي ڪم پڻ جاري آهي. جنهن تحت صوبي ۾ 40 ماڊل پوليس اسٽيشنز کي اپگريڊ ڪرڻ جو ڪم ڪيو پيو وڃي هي سڌارا اهڙي مضبوط سمارٽ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ نظام جي تعمير لاءِ اسانجي عزم جي عڪاسي ڪن ٿا، جيڪي سنڌ جي اڀرندڙ سڪيورٽي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکن ٿا.

## خصوصي صلاحيتون رکندڙ ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ:

**جناب اسپيڪر!**

سنڌ حڪومت ان ڳالهه کي يقيني بنائڻ لاءِ پرعزم آهي ته خصوصي صلاحيتن وارن ماڻهن کي هڪ جهڙا موقعا، معياري تعليم ۽ بحالي جون خدمتون ۽ باوقار روزگار فراهم ڪيو وڃي. اها اسانجي ترجيح آهي ته اِهي شهري صوبي جي ترقي ۽ واڌ ويجهه ۾ برابر ۽ اثرائتو پائيوار ڀاڱيدار بڻجن ۽ زندگي جي ڪنهن به مرحلي تي پاڻ کي ڌار محسوس نه ڪن. مالي سال 2025-26 دوران خصوصي صلاحيتون رکندڙ ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ واري کاتي (ڊي اِي پي ڊي) سڄي صوبي ۾ پنهنجو دائري ڪار ۽ خدمتن جي فراهمي واري نيٽ ورڪ کي نمايان طور تي وڌايو آهي هي کاتو هن وقت سڄي سنڌ ۾ 67 سرڪاري بحالي اسڪول، آٽزم جي بحالي ۽ تربيتي خدمتن جا 10 فعال مرڪز (C-ARTS) هلائي رهيو آهي ۽ 140 غيرسرڪاري پائيوار تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي. هلندڙ سال دوران معذور ماڻهن جي مدد ڪندڙ پائيوار ادارن کي گرانٽ ان ايڊ (امدادي رقم) جي مد ۾ 2.8 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا. انڪلوسو ايجوڪيشن پروگرام تحت 300 اسڪولن جي 1000 کان وڌيڪ استادن

**کي تربيت ڏني وئي، جڏهن تہ ايندڙ سال لاءِ 5000 استادن کي تربيت ڏيڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.**

**خصوصي بحالي جي سهولتن کي وڌائڻ ۾ نمايان اڳڀرائي حاصل ڪئي وئي. شهيد بينظيرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ قائم سي آرٽس مرڪزن تعليمي، پيشيورانہ ۽ بحالي جي خدمتن جي فراهمي جاري رکي، جڏهن تہ ٽنڊومحمد خان ۾ قائم سهولتون ۽ ڪورنگي ۾ رهائشي سي-آرٽس جي عمارت مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ فعال ٿيڻ لاءِ تيار آهي. سکر ميگا ڪمپليڪس فعال ٿيڻ جي ويجهو آهي، جڏهن تہ ميرپورخاص، ڪراچي (سينٽرل) ۽ ڊي ايچ اي ڪراچي ۾ وڌيڪ سهولتون تيار ڪيون پيون وڃن، بحالي جي خدمتن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪاتي سڄي سنڌ ۾ مخصوص مرڪزن کي اڳتي وڌايو. سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ري هيبليٽيشن (SIPM&R) سهولت تيار ڪئي پئي وڃي. ڪميونٽيز جي ويجهو ضروري خدمتن تائين رسائي کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪراچي، بدين، ٽنڊومحمد خان، شهدادپور، جيڪب آباد، مورو، دوڙ ۽ مٺي ۾ بہ بحالي جي مرڪزن کي پڻ وڌايو پيو وڃي.**

**ڪاتي پاران هلندڙ سال دوران ڪيترن ئي جديد قدمن جي شروعات ڪئي وئي. ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ کان محروم شاگردن لاءِ 42 ڊجيٽل ڪلاس رومز قائم ڪيا ويا، ڪورنگي ۾ معذور ماڻهن لاءِ پاڪستان جو سڀ کان وڏو پيشيوراڻو تربيتي مرڪز (ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر) قائم ڪيو ويو ۽ سڄي سنڌ ۾ فائدو حاصل ڪندڙن ۾ اٽڪل 800 ملين روپيا ماليت جا امدادي اوزار ورهايا ويا. سنڌ پوليس جي سهڪار سان تيار ڪيل ملاپ (MILAP) ايپ جي شروعات ڪئي وئي تہ جيئن ضرورتمند ٻارن جي مدد ڪري سگهجي ۽ اها ايپ پهريان ئي گمشده ٻارن کي انهن جي خاندانن سان ٻيهر ملائڻ ۾ مدد ڪري چڪي آهي.**

# جديد سفري ۽ ٽرانسپورٽ جون سهولتون

**جناب اسپيڪر!**

اسان پيپلز بس سروس جي دائره ڪار کي وڌائيندي ماحول دوست (گرين) سفري حل متعارف ڪرايو ۽ جديد ٽرانسپورٽ ٽيڪنالاجيز جو استعمال ڪندي سڄي سنڌ ۾ عوامي ٽرانسپورٽ جي خدمتن کي جديد ٽيڪنالاجي تي آڻڻ کي جاري رکيو آهي. مالي سال 26-2025 دوران پيپلز بس سروس جو نيٽ ورڪ سڄي سنڌ ۾ 290 فعال بسن تائين پهچايو ويو. خيرپور، شڪارپور، ٽنڊو الهيار ۽ حيدرآباد ۾ نوان روٽس شروع ڪيا ويا جن سان روزانو اٽڪل 125000 مسافر فائدو حاصل ڪري رهيا آهن، اهو نظام هيل تائين 41 ملين (4 ڪروڙ 10 لک) کان وڌيڪ مسافرن کي خدمتون فراهم ڪري چڪو آهي جنهن سان اهو صوبي جي اهم عوامي ٽرانسپورٽ قدمن مان هڪ بڻجي چڪو آهي.

عورتن لاءِ مخصوص پاڪستان جي پهرئين پبلڪ ٽرانسپورٽ سروس پنڪ بس سروس جو دائرو لاڳيتو وڌايو ويو ۽ هاڻي اهو ڪراچي ۾ 5 روٽس تي 28 بسون هلي رهيون آهن. ان کان علاوه گرين لائين ڪوريڊور تي مخصوص پنڪ بسون روزانو اٽڪل 1500 عورت مسافرن کي خدمتون فراهم ڪري رهيون آهن، جيڪي عورتن کي محفوظ، سستو ۽ باوقار سفر فراهم ڪن ٿيون. حڪومت ماحولياتي طور تي پائيدار ٽرانسپورٽ طرف منتقلي جي عمل کي به تيز ڪيو. هلندڙ سال دوران 34 اليڪٽرڪ مني بسون فعال ڪيون ويون، جڏهن ته ڪراچي جي روڊ نيٽ ورڪ تي 5 ڊبل ڊيڪر بسون متعارف ڪرايون ويون. ايندڙ مرحلي ۾ 100 اضافي اليڪٽرڪ بسون شامل ڪيون وينديون، جن سان روزانو 50 هزار کان وڌيڪ مسافرن کي سفري سهولتون ملڻ جي اميد آهي. وڌيڪ اِهو ته پيپلز گرين ٽرانسپورٽ پروگرام تحت 1000 اليڪٽرڪ بسن جي وڏي پروگرام تحت پهرئين 500 اليڪٽرڪ بسن جي خريداري پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فريم ورڪ ذريعي عمل ۾ آندي پئي وڃي.

مسافرن جي سهولت کي بهتر بڻائڻ لاءِ گرين لائين، اورينج لائين ۽ پيپلز بس سروس جي روٽس تي آٽوميٽيڊ فيئر ڪليڪشن سسٽم (پاڻمرادو ڀاڙي وصولي جو نظام) ڪاميابي سان لاڳو ڪيو ويو آهي، جنهن سان سڄي سنڌ ۾ هڪ گڏيل انٽيليجنٽ ٽرانسپورٽ سسٽم جو بنياد رکيو ويو آهي، سنڌ انٽرا ڊسٽرڪٽ پيپلز بس سروس پروجيڪٽ تحت ڊالر جي برابري (Dollar Parity) جي خريداري لاءِ ايندڙ سال 2026-27 لاءِ 1.8 ارب رپين جي فنڊز جي گنجائش رکي وئي اهي. سنڌ انٽرا ڊسٽرڪٽ پيپلز بس سروس پروجيڪٽ لاءِ فيول ڪاسٽ انڊيڪسيشن (موجود ٻارڻ جي قيمتن جو توازن) لاءِ هلندڙ سال 1.68 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا ۽ ايندڙ سال لاءِ بہ برقرار رکيا ويا آهن ۽ ايندڙ مالي سال 2026-27 ۾ گرانٽ ان ايڊ طور تي سنڌ انٽراڊسٽرڪٽ پيپلز بس سروس پروجيڪٽ جي يوٽيليٽيز (سهولتن) لاءِ 175.00 ملين رپين جا فنڊز رکيا ويا آهن.

”سنڌ انٽرا ڊسٽرڪٽ پيپلز بس سروس پروجيڪٽ“ تحت 50 اليڪٽرڪ بسون (رينٽ ٽو اون-ڀاڙي تي حاصل ڪري ملڪيت ونڻ جو طريقيڪار) لاءِ 825 ملين روپيا رکيا ويا آهن ۽ ان سان گڏوگڏ 100 اليڪٽرڪ بسن جي فراهمي، تعمير ۽ آپريشن ۽ مينٽيننس لاءِ 1.65 ارب روپيا مختص ڪيا ويا آهن. وڌيڪ اهو تہ نيشنل اينرجي اينڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن (NETC) ذريعي گورنمينٽ ٽو گورنمينٽ (G2G) جي بنياد تي پبلڪ ٽرانسپورٽ بسن جي خريداري ۽ آپريشن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ ضروري آپريشنل خرچن جي مد ۾ هلندڙ سال 64.622 ملين روپيا فراهم ڪيا ويا آهن.

## هارين جي مدد ۽ غذائي تحفظ (فوڊ سيڪيورٽي) جي مضبوطي

جناب اسپيڪر!

زراعت سنڌ جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي واري حيثيت رکي ٿي، جيڪا ٻهراڙي افرادي قوت جي اٽڪل 70 سيڪڙو حصي کي روزگار فراهم ڪري ٿي ۽ پاڪستان جي غذائي تحفظ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري ٿي. سنڌ ملڪ جي چانورن جي ڪل پيداوار جو اٽڪل 35 ۽ 40 سيڪڙو، ڪُڻڪ جو 30 کان 35 سيڪڙو، ڪمند جو 25 کان 30 سيڪڙو ۽ ڪٽڪ جي پيداوار جو 12 کان 15 سيڪڙو پيدا ڪندو آهي،

جنهن سبب اسانجي هارين جي خوشحالي صوبائي ۽ قومي معاشي ترقي لاءِ انتهائي اهم آهي. هلندڙ سال اي ڊي پي تحت ترقياتي خرچن لاءِ 4.7 ارب رپين جا فنڊز فراهم ڪيا ويا، جڏهن ته سوات (SWAT) پروجيڪٽ لاءِ ايف پي اي تحت 10.3 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا.

پيداواري لاڳت ۾ اضافي، ماحولياتي تبديلين ۽ مارڪيٽ جي دٻاءُ سبب هارين کي درپيش چئلينجز کي منهن ڏيندي اسانجي حڪومت تاريخي "سنڌ وِيٽ گروئرز سپورٽ پروگرام 2025 (سنڌ ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ امدادي پروگرام) جي شروعات ڪئي، جيڪو صوبي جي تاريخ ۾ هارين جي سڌو سنئون مدد جي سڀ کان وڏن قدمن مان هڪ آهي. هن پروگرام ذريعي 306709 بينظير هاري ڪارڊز جاري ڪيا ويا ۽ بينڪنگ نظام ذريعي براه راست مالي امداد فراهم ڪئي وئي، جنهن سان شفافيت ۽ مالياتي شموليت يقيني بڻجي ملي. بينظير هاري ڪارڊ پليٽ فارم ذريعي 3 لک کان وڌيڪ هارين کي باقاعده مالياتي نظام (بينڪنگ سسٽم) جو حصو بڻايو ويو. هن پروگرام تحت هارين کي رعايتي اگهن تي زرعي مداخل (inputs) فراهم ڪيا ويا، مجموعي طور تي 332742 هارين ڊي اي پي ياڻ جي سبسڊيز مان فائدو حاصل ڪيو جڏهن ته 314369 هارين کي رعايتي يوريا ياڻ جي امداد ملي. هن پروگرام جي باقاعده شروعات 8000 هارين جي شرڪت سان ٿي ۽ ان تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ زراعت ۽ ريوينيو (ماليات) جي عملدارن گڏيل طور تي وڏي پيماني تي فيلڊ ويريفڪيشن (زميني تصديق) ڪئي ته جيئن اهو يقيني بڻائي سگهجي ته امداد حقيقي هارين تائين پهچي. انهن قدمن جا واضح ۽ اثرائتا نتيجا حاصل ٿيا.

"سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر ٽرانسفارميشن" پروجيڪٽ ذريعي 23 ضلعن ۾ جي آءِ ايس ۽ ريموٽ سينسنگ جو استعمال ڪندي فصلن جو ڪاٿو لڳايو ويو، 60 ڪلائيميٽ بزنس فيلڊ اسڪولز قائم ڪيا ويا ۽ 750 هارين کي ماحولياتي تبديلين موجب جديد زراعت (Climate Smart Agriculture) جي تربيت ڏيڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو، ان کان علاوه هارين لاءِ مارڪيٽ تائين رسائي ۽ معلومات کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڊيجيٽل فارم ايڊوائيزري ايپليڪيشنز (موبائيل ايپس) ۽ 22 ضلعن جي 27 هول سيل مارڪيٽن تي مشتمل ايگريڪلچر مارڪيٽنگ انفارميشن سسٽم جي شروعات ڪئي وئي.

# اسٽريٽجڪ غذائي ذخيرا

ڪڻڪ جي مناسب ذخيرن کي برقرار رکڻ سنڌ لاءِ اهميت رکي ٿو، جيڪو نہ رُڳو غذائي تحفظ کي يقيني بڻائڻ پر هارين جي آمدني جي تحفظ، مارڪيٽ ۾ قيمتن کي مستحڪم رکڻ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت جي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پڻ اهم آهي. ڪڻڪ صوبي جي بنيادي غذائي فصل آهي ۽ ڳوٺاڻن خاندان جي روزگار ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري ٿو. وڌندڙ پيداواري لاڳت، ماحولياتي خطرن ۽ مارڪيٽ جي غيريقيني صورتحال کي سامهون رکندي ڪڻڪ جي ذخيرن جي دانشمندانہ سطح کي برقرار رکڻ صوبائي معاشي ۽ سماجي پاليسي جو هڪ لازمي حصو بڻجي چڪو آهي.

گذريل ڪجهہ سالن دوران هارين کي پيداواري لاڳت ۾ وڏي پيماني تي اضافي کي منهن ڏيڻو پيو آهي سال 2021 کان هيل تائين ڪجهہ ڏسن ۾ اهم زرعي مداخل (inputs) جي قيمتن ۾ 50 کان 100 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي، جنهن سان في ايڪڙ ڪڻڪ جي پوکي جي لاڳت ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي. ان کان علاوه وچ اوڀر جي بحران جي ڏس ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن جو بار برداشت ڪرڻ لاءِ بہ هارين کي مالي امداد فراهم ڪئي وئي.

ان سان گڏوگڏ، ايندڙ فصلن جي سال لاءِ اسان 8750 روپيا في 100 ڪلوگرام بوري جي امدادي قيمت تي 1.0 ملين ميٽرڪ ٽن (ايم ايم ٽي) ڪڻڪ جي خريداري جو هدف مقرر ڪيو آهي، جڏهن تہ حڪومت ايندڙ مالي سال 27-2026 ۾ اٽڪل 20 ارب رپين جي تخميني سبسڊي فراهم ڪندي. آئون اوهان کي ٻڌائيندو هلان تہ اسٽريٽجڪ رليف قدم نيشنل فيسڪل پيڪٽ (قومي مالياتي معاهدي) تحت آءِ ايم ايف جي ان پهريان کان لاڳو شرط باوجود ڪنيو ويو آهي جنهن ۾ جنسن جي مارڪيٽ جي آپريشنز سان حڪومتي ڪردار کي بتدريج ختم ڪرڻ جو چيو ويو هو.

# لائيو اسٽاڪ (چوپائي مال) جي ترقي ۽ ڳوٺاڻي خوشحالي

**جناب اسپيڪر!**

لائيو اسٽاڪ سنڌ جي ڳوٺاڻي معيشت جو اهم ٿنڀ آهي، جيڪو لکين خاندانن کي روزگار، غذائي تحفظ ۽ آمدني جو سهارو فراهم ڪري ٿو. مالي سال 2025-26 دوران اسان سڄي صوبي ۾ جانورن جي صحت کي بهتر بڻائڻ، بيمارين جي روڪٿام کي مضبوط ڪرڻ ۽ چوپائي مال تي ڀاڙيندڙ مالوندن جي مدد لاءِ وسيع پيماني تي قدم کنيا.

هلندڙ سال دوران اسان مختلف بيمارين خلاف 40.3 ملين (4 ڪروڙ کان وڌيڪ) جانورن جي ويڪسينيشن کي يقيني بڻايو ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو يونين ڪائونسل سطح تي "ڪارپٽ ويڪسينيشن مهم" مڪمل ڪوريج مهم جي شروعات ڪئي، جنهن تحت 8.27 ملين (82 لک کان وڌيڪ) جانورن کي ويڪسين لڳائي وئي. مجموعي طور تي 324 يونين ڪائونسلن کي بليڪ ڪوارٽر (لنگڙابخار) اينٽراڪس ۽ سي سي پي پي (ٻڪرن جي متعدي بيماري) خلاف مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويو، جنهن جانورن جي صحت کي نمايان طور تي مضبوط ڪيو ۽ ڳوٺاڻي روزگار جو تحفظ ڪيو. ان کان علاوه وٽنري سروسز سڄي سنڌ ۾ 3.25 ملين جانورن کي علاج جون سهولتون فراهم ڪيون. هلندڙ سال ترقياتي سرگرمين کي انجام ڏيڻ لاءِ 1.89 ارب رپين جا فنڊ فراهم ڪيا ويا.

وڌيڪ اِهو ته، سنڌ لائيو اسٽاڪ اينڊ ايڪواڪلچر ڊولپمينٽ پروجيڪٽ تحت ايف پي اي هيٺ 4.2 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا. هي منصوبو موجوده مالي سال ۾ هن مقصد سان گڏ جاري رهيو ته سنڌ ۾ لائيو اسٽاڪ ۽ ايڪواڪلچر (مڇي پالڻ) جي شعبن ۾ ماحولياتي تبديلين مطابق هم آهنگ (climate-smart) ۽ برابري جي بنياد تي نندين ۽ وچولي درجي جي پيداوار ڪندڙن کي هٿي ڏياري سگهجي. ان منصوبي جا 4 حصا هي آهن: پهريون حصو شعبي وار ترقي لاءِ سازگار ماحول مضبوط بڻائڻ آهي ٻيو حصو ماحولياتي تبديلين جي موافق پيداوار، ويليو ايڊيشن (قدر ۾ واڌ) ۽ مارڪيٽن تائين سڀن جي شموليت تي ٻڌل رسائي کي هٿي ونرائڻ آهي. ٽيون حصو پروجيڪٽ مينيجمينٽ، مانيٽرنگ ۽ سکڻ جو عمل آهي. آخر ۾ چوٿون حصو امڪاني هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ آهي.

**جناب اسپيڪر!**

**ڏورانهن علائقن تائين رسائي ۽ هارين جي آگاهي کي بهتر بڻائڻ لاءِ فني ٽيمن** 107926 **ڳوٺن جو دورو ڪيو ۽** 85792 **هارين سان ملاقاتون ۽ آگاهي سيشن منعقد ڪيا، جنهن سان چوپايو مال پاليندڙن کي جانورن جي بهتر پالنا ۽ بيمارين کان بچاءَ جا طريقا اپنائڻ ۾ مدد ملي. حڪومت وٽنري ريسرچ ۽ ويڪسين جي پيداواري صلاحيت کي بہ مضبوط ڪيو. هلندڙ سال دوران سينٽرل وٽنري ڊائيگنوسٽڪ ليبارٽري** 81428 **نمونن جي چڪاس ڪئي،** 19300 **بيماري کان متاثر ڪيسن جي نشاندهي ڪئي ۽ وڏي پيماني تي تشخيصي ۽ تحقيقي سرگرميون انجام ڏنيون.**

# ماهيگيرن ۽ ساحلي برادرين جي مدد

**جناب اسپيڪر!**

**سنڌ حڪومت ماهيگيرن جي روزگار جي تحفظ ۽ ”بليو اڪانومي“ (آبي معيشت) کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پرعزم رهي، جيڪي اسانجي ساحلي پٽي ۽ اندروني آبي ذخيرن سان ڳنڍ رهندڙ هزارين خاندانن جي ڪفالت ڪري ٿي. ماهيگيري سان لاڳاپيل برادرين کي درپيش چئلينجن، سمنڊ ۾ سڪيورٽي جي خطرن سان گڏ، وڌندڙ آپريشنل خرچن ۽ ماحولياتي تبديلين جو ادراڪ ڪندي مالي سال** 2025-26 **دوران قدم کنيا ويا.**

**ماهيگيرين جي روزگار کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ سامونڊي سلامتي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ، حڪومت** 1.2 **ارب رپين جي لاڳت سان ويسل مانيٽرنگ سسٽم** (VMS- **بحري جهازن جي نگراني جو نظام) پروجيڪٽ شروع ڪيو، جنهن جي گڏيل فنڊنگ وفاقي حڪومت** (600 **ملين روپيا)، سنڌ حڪومت** (300 **ملين روپيا ۽ بلوچستان حڪومت** (300 **ملين روپيا) ڪئي آهي. هن منصوبي تحت اٽڪل** 10000 **ماهيگيرن جي ٻيڙين کي فوري ٽريڪنگ جي اوزارن سان آراستہ ڪيو ويندو، اهو منصوبو هن وقت لاڳو ٿيڻ جي مرحلن ۾ آهي ۽ جون** 2027 **تائين مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي،**

جيڪو پاڪستان جي ماهيگير برادرين لاءِ هڪ جديد حفاظتي ۽ نگراني جو فريم ورڪ فراهم ڪندو.

## آفتن کي منهن ڏيڻ جي تياري، هنگامي ردِعمل (ايمرجنسي ريسپانس) ۽ عوامي تحفظ جي مضبوطي

جناب اسپيڪر!

هنگامي حالتن، آفتن ۽ صحت عامہ جي بحرانن دوران زندگين جو تحفظ حڪومت جي هڪ بنيادي ذميواري آهي. ريسڪيو 1122 سنڌ، پرووِنشل ڊزاسٽر مينيجمنٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) ۽ موبائيل ڊائيگنوسٽڪ اينڊ ايمرجنسي هيلٿ سروسز تي ٻڌل هڪ مربوط فريم ورڪ ذريعي سنڌ حڪومت سڄي صوبي ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ جي تياري، هنگامي ردعمل ۽ ڏورانهن علائقن تائين صحت جي خدمتن جي فراهمي کي مضبوط بڻائڻ واري عمل کي جاري رکيو. مالي سال 2025-26 دوران بحالي واري ڪاتي 4.72 ارب رپين جي گڏيل بجيٽ سان پروگرامن تي عملدرآمد ڪيو، جنهن سان صوبي ۾ استحڪام ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ ۾ وڏيڪ اضافو ٿيو.

ريسڪيو 1122 هن سال دوران پنهنجي آپريشنل دائري ۾ نمايان واڌ ڪئي، جنهن تحت خدمتن کي 19 ضلعن تائين پکيڙيو ۽ 15 هاءِ وي ايمرجنسي ريسپانس اسٽيشنن جو نيٽ ورڪ قائم ڪيو ويو. 1700 کان وڌيڪ اهلڪارن کي تربيت ڏني وئي، جن ۾ 739 ريسڪيوورز شامل آهن، جڏهن ته هلندڙ سال دوران 221 نون ريسڪيوررز پنهنجي تربيت مڪمل ڪئي. جولاءِ 2025 ۽ مئي 2026 وچ ۾ ريسڪيو 1122 320798 کان وڌيڪ هنگامي حالتن تي ردِعمل ظاهر ڪيو، جن ۾ 317760 طبي هنگامي حالتون، 1711 باهہ جي واقعن ۽ سوين ريسڪيو آپريشنز شامل آهن، جنهن سان سڄي سنڌ جي شهرين کي اهم ترين مدد فراهم ڪئي وئي.

پراونشل ڊزاسٽر مينيجمنٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) ضلعي سطح تي ڊزاسٽر مينيجمينٽ يونٽس جي قيام، 24 ڪلاڪ فعال پرونشل ايمرجنسي سينٽر جي مضبوطي، جي آءِ ايس تي ٻڌل خطرن جي ميپنگ جي نظام جي تياري ۽ ڊجيٽل ريليف مانيٽرنگ (امدادي نگراني) جي طريقيڪار کي متعارف ڪرائي آفتن کي

منهن ڏيڻ جي تياري ۽ نقصانن کي گهٽ ڪرڻ جي نظام کي مستحڪم بڻائڻ جاري رکيو.

ميرپورخاص، لاڙڪاڻو ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ قائم نيون علائقائي سهولتون سڄي صوبي ۾ هنگامي هم آهنگي ۽ ردِعمل جي صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر بڻائينديون. ان سان گڏ ئي، موبائيل ڊائيگنوسٽڪ اينڊ ايمرجنسي هيلٿ سروسز ڏورانهن ۽ پنتي پيل برادرين تائين صحت جي سهولتن جي رسائي کي وڌايو. هلندڙ سال دوران ايم ڊي اينڊ اي ايچ ايس 18 ضلعن 488000 کان وڌيڪ مريضن کي خدمتون فراهم ڪيون. جڏهن ته رُڱو بوڏ ۽ برساتن جي هنگامي صورتحال دوران طبي ٽيمن متاثر علائقن ۾ 65289 مريضن جو علاج ڪيو ۽ 20000 کان وڌيڪ تشخيصي ٽيسٽ ڪيا. اهي خدمتون سنڌ جي آفتن کي منهن ڏيڻ جي ڍانچي جو هڪ اهم حصو بڻجي چڪيون آهن، جيڪي هن ڳالهه کي يقيني بڻائين ٿيون ته صحت جي سارسنڀال ضرورت جي وقت ڪمزور ۽ متاثر آبادين تائين پهچن.

## گل پلازا حادثي جي متاثرن لاءِ معاوضو

جناب اسپيڪر!

ڪراچي جي گل پلازا ۾ پيش آيل خوفناڪ حادثو انتهائي ڏک جو سبب بڻيو آهي، اسان انهن خاندانن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيون ٿا جن جو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاڳو آهيون، اهو افسوسناڪ واقعو ڳتيل آبادي واري واپاري علائقن ۾ شهرين ۽ ڪاروباري ماڻهن کي درپيش خطرن جي هڪ واضح نشاندهي آهي.

سنڌ حڪومت هن مشڪل گهڙي ۾ متاثر خاندانن، دڪاندارن ۽ ملازمن سان يڪجهتي ۾ بيٺل آهي، اسان ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيون ته تمام ضروري رليف ۽ بحالي جا قدم هنگامي بنيادن تي کيا وڃن. لاڳاپيل کاتن کي نقصانن جو اندازو لڳائڻ ۽ متاثرن کي منصفاڻي ۽ شفاف طريقي سان معاوضو ڏيڻ لاءِ هڪ جامع پلان تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

مالي سال 2025-26 دوران حڪومت ڪراچي جي تاريخي ڪاروباري مرڪزن مان هڪ گل پلازا جي بحالي لاءِ هڪ خصوصي امدادي پيڪيج جو دائرو وسيع

کيو، حڪومت ڪمشنر ڪراچي ذريعي 85 گم ٿيل ماڻهن جي خاندانن کي 850 ملين (85 ڪروڙ) روپيا فراهم ڪيا آهن. ان کان علاوه چيمبر آف ڪامرس ڪراچي جي لڳايل ڪاٽي جي بنياد تي، ڪمشنر ڪراچي ذريعي گل پلازا جي واپارين/دڪاندارن کي معاوضي طور 7.0 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا آهن. وڌيڪ اهو ته ڪمشنر ڪراچي ذريعي گل پلازا جي في دڪاندار/ خاندان کي 5 لک روپيا مالي امداد جي مد ۾ 600 ملين روپيا فراهم ڪيا ويا. ۽ خالي ڪرايل عمارت جي سمورن رهواسين (لياري) جي لاءِ ڪمشنر ڪراچي ذريعي اسٽينڊبرڊ رينٽ ڪمپنسيشن جي مد ۾ 100 ملين روپيا فراهم ڪيا ويا آهن.

## صنعت جي مضبوطي ۽ نوڪرين جا موقعا:

**جناب اسپيڪر !**

سنڌ اندر صنعت معاشي ترقي، روانگي واپار ۽ روزگار جي فراهمي لاءِ هڪ اهم جُز آهي. پاڪستان اندر سنڌ صنعتي مرڪز طور تي هزارن جي تعداد ۾ صنعتي پيداواري يونٽس جي ميزباني ڪري ٿو جنهن سان قومي پيداوار، واپار ۽ روينيو جنريشن ۾ اهم ڪردار ادا ٿئي ٿو. هن پيڪيج جو مقصد اوائلي بنيادي ڍانچي جي ڪمزورين کي نيڪ ڪرڻ آهي ۽ علائقي ۾ ڪم ڪندڙ صنعتن اندر مقابلي جي بهتر فضا قائم ڪرڻ آهي. سنڌ حڪومت سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن کي 400 ملين روپيا گرانٽ ان ايڊ (امدادي رقم) به فراهم ڪري رهي آهي ته جيئن سنڌ اندر وچولي ۽ ننڍي سطح جي ڪاروبار کي هٿي ونرائي سگهجي ۽ ان مقصد لاءِ مالي سال 27-2026 ۾ به فنڊ مختص ڪيا ويا آهن.

موجوده مالي سال ۾ ٻهراڙي ۽ شهري ٻنهي علائقن ۾ مائيڪرو، سمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائيزز ايس ايم اِيز ۽ ڪاٽيج انڊسٽريز (گهريلو صنعت) کي ترقي ونرائڻ لاءِ 1.4 ارب رپين جا فنڊ رکيا ويا آهن.

# مڪاني ادارن جي خدمتن جي فراهمي کي مضبوط بڻائڻ

جناب اسپيڪر!

بنيادي ميونسپل خدمتن جي فراهمي ۾ شهرين جي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا مڪاني ادارا ضروري آهن. ملڪ جي سڀ کان وڏي شهر کي خدمتون فراهم ڪندڙ اهم ترين ميونسپل اداري طور تي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن (KMC) جي اهميت کي تسليم ڪندي حڪومت ميونسپل خدمتن ۾ انفرا اسٽريڪچر جي ترقي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اٽڪل 13 ارب رپين جي مالي امداد فراهم ڪئي.

مالياتي طور تي بااختيار بڻائڻ طرف اڳڀرائي ڪندي سنڌ حڪومت پهريان ئي سنڌ جي لوڪل ڪائونسلن کي پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي ۾ استعمال جو اختيار منتقل ڪري کين بااختيار بڻائي ڇڏيو آهي، ساليانو 2.0 ارب رپين کان وڌيڪ جو ٽيڪس جمع ڪيو پيو وڃي جنهن کي انهن ڪائونسلن جي بهتري لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

موجوده مالي سال ۾ لوڪل ڪائونسلن کي 165 ارب رپين جي رکيل رقم جي مد ۾ 156.2 ارب روپيا گرانٽ طور ۾ ان جي هلندڙ ساليانى آڪٽراءِ ضلعا ٽيڪس (او زيڊ ٽي) گرانٽ سان گڏ فراهم ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه ڪراچي جي برساتي نالن جي صفائي لاءِ ڪي ايم سي کي 200 ملين روپيا فراهم ڪيا ويا آهن ڪراچي ۾ رودن جي مرمت ۾ بحالي لاءِ ڪي ايم سي کي 1.5 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا آهن. اهڙي ريت ڪي ايم سي کي 35هين نيشنل گيمز جي تياري لاءِ 100 ملين روپيا فراهم ڪيا ويا. ڪراچي ڊويزن ۾ سانوڻي کان اڳ برساتي نالن جي صفائي لاءِ ڪي ايم سي کي 300 ملين روپيا فراهم ڪيا ويا. ڪراچي جي ڀرپور تعميراتي ورثي ۾ تاريخي سجاڳپ کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ۾ اسان ڪراچي جي ثقافتي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ ايمپريس مارڪيٽ کي ان جي اصل صورت ۾ بحال ڪيو آهي. ٻئي طرف لوڪل گورنمينٽ بورڊ کي پنهنجي ملازمن جي پينشن جي رهتن جي ادائگي لاءِ 206.8 ملين روپيا فراهم ڪيا ويا آهن ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل گهوٽڪي کي ترقياتي سرگرمين لاءِ 700 ملين روپيا فراهم ڪيا ويا آهن.

# پي آءِ ٽي پي (PITP_II) ذريعي ڊجيٽل سنڌ جي تعمير

**جناب اسپيڪر!**

مستقبل انهن ماڻهن جو آهي جيڪي ٽيڪنالاجي نواڻ پسندي ۽ ڊجيٽل مهارتن جي طاقت جو فائدو وٺي سگهن ٿا. ان حقيقت کي تسليم ڪندي منهنجي حڪومت پيپلز انفارميشن ٽيڪنالاجي پروگرام-II جي شروعات هڪ فليگ شپ (نمايان) قدم طور ڪئي ته جيئن اسانجي نوجوانن کي مارڪيٽ جي گهرج مطابق ڊجيٽل مهارتن سان سلهاڙي سگهجي ۽ انهن کي جديد معيشت جي موقعن لاءِ تيار ڪري سگهجي. اين اي ڊي يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي سهڪار سان لاڳو ڪيل هن پروگرام جو مقصد ڊجيٽل مهارتن جي فرق کي ختم ڪرڻ ۽ روزگار لاءِ تيار پيشا ورن جي هڪ اهڙي نئين نسل تيار ڪرڻ آهي جيڪو ڊجيٽل سنڌ جي ويزن ۾ پنهنجو حصو وجهڻ جي ڀرپور صلاحيت رکندو هجي.

مونکي هن ايوان کي ٻڌائيندي خوشي ٿي رهي آهي ته پي آءِ ٽي پي-II ڪاميابي سان پُڄاڻي تي پهچي چڪو آهي ۽ پنهنجا سمورا هدف پار ڪري چڪو آهي. 35000 تربيت حاصل ڪندڙن جي هدف جي مقابلي ۾ هن پروگرام 36116 نوجوان مردن ۽ عورتن کي ڪاميابي سان تربيت فراهم ڪئي، جيڪا مقرر هدف کان 1100 وڌيڪ آهن. اهو پروگرام سنڌ جي ٽيڪنالاجي جي ماحولياتي نظام (ايڪو سسٽم) کي مضبوط ڪندو ۽ نوجوانن لاءِ معاشي موقعن کي وڌائيندو. اها تربيت سنڌ جي سمورن ڊويزنن سميت ٿرپارڪر جهڙن پنتي پيل ضلعن ۾ فراهم ڪئي وئي ته جيئن اهو يقيني بڻائي سگهجي ته ڊجيٽل معيشت جا فائدا صوبي جي هر ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچن.

هن پروگرام تحت 12 اعليٰ درجي واري ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ بين الاقوامي سطح تي رائج تربيت فراهم ڪئي وئي، جن ۾ آرٽيفشل انٽيليجنس فائونڊيشنز (بنيادي مصنوعي ذهانت)، ڊيٽا سائنس، سائبر سڪيورٽي، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، موبائيل ايپ ڊولپمينٽ، ويب ڊولپمينٽ، ڊجيٽل مارڪيٽنگ، اي ڪامرس، گرافڪ ڊزائننگ ۽ سافٽ ويئر ڊولپمينٽ شامل آهن. حڪومت انهن انقلابي قدمن ۾ اٽڪل 1.4 ارب رپين جي سيڙپڪاري ڪئي، جنهن ۾ 1.225 ارب روپيا تربيت لاءِ ۽ 175

ملين روپيا، 1750 گوگل ڪروم بڪس جي فراهمي لاءِ شامل آهن. جيڪي بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن کي ڏنا ويا. ان کان علاوه آءِ ٽي ٽاور (انفارميشنل ٽيڪنالاجي ٽاور) کولڻ لاءِ آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي تي واقع وڊ اسٽريٽ جي هڪ تاريخي عمارت، يعني حبيب انشورنس ڪمپني جي خريداري لاءِ 1.57 ارب روپيا فنڊز فراهم ڪيا ويا آهن.

# مالياتي تدبر، سادگي ۽ بجيٽ جو فلسفو

جناب اسپيڪر!

روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ، زرعي پيداواري صلاحيت کي وڌائڻ، ماحولياتي بهتري ۽ عوام کي همہ گير خدمتن جي فراهمي ۾ مدد لاءِ سڌارن جو تسلسل اسانجي حڪومت جي پهرئين ترجيح رهي آهي، اهڙن قدمن ۾ اسان غربت ۾ گهٽتائي ۽ پنهنجي عوام جي زندگين کي بهتر بڻائڻ ۾ نمايان اڳڀرائي ڪرڻ ۾ مدد ڏني آهي. ان سان گڏ ئي، اسان ان ڳالھ کي يقيني بڻايو آهي تہ ترقي جا ثمر بنا فرق هي هر شهري تائين پهچن.

**جناب اعليٰ!**

جيئن تہ اوهان ڄاڻو ٿا تہ قدرتي آفتن ۽ جاگرافيائي ۽ سياسي چئلينجز کي منهن ڏيڻ باوجود سنڌ پنهنجي وفاقي ۽ بين الاقوامي وعدن کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي محدود وسيلن جو انتظام تدبر ۽ ذميداري سان ڪيو آهي. جڏهن تہ صوبي جي پڇتي پيل ۽ محروم طبقن جي ڀلائي ۽ ترقي توڙي انفرا اسٽرڪچر جي ترقي کي ترجيح ڏيڻ تي جاري رکيو. نتيجي طور سنڌ جي عوام صحت جي بهتر سهولتن، سازگار تعليمي ماحول، ٽرانسپورٽ، گندي پاڻي جي نيڪال، آبپاشي، زراعت، پاڻي جي فراهمي جي بهتر بنيادي ڍانچي، سماجي تحفظ جي قدمن ۽ ميرٽ تي ٻڌل نوڪرين جي موقعن کان لاڀ حاصل ڪيو آهي.

**جناب اسپيڪر!**

بدقسمتي سان اسان هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي عالمي سياسي ۽ معاشي ماحول کي منهن ڏيئي رهيا آهيون جنهن ۾ واپار ۽ عالمي ماليات محدود آهن ۽ وسيلن تائين رسائي توڙي سپلائي چين (رسد جو نظام) درهم برهم ٿي چڪو آهي. جنهن جو سبب عالمي سپلاءِ تي پابنديون ۽ وچ اوڀر جي تڪرار سبب تيل جون وڌندڙ قيمتون آهن. تيل جي ان اونچي قيمتن مهانگائي کي وڏيڪ بگاڙي ڇڏيو آهي رپئي ۽ ڊالر جي برابري کي ڪمزور ڪيو آهي ۽ آءِ ايم ايف سان لاڳاپيل سڌارن تي دٻاءُ وڌو آهي.

**جناب اعليٰ!**

هتي، مونکي ان ڳالهه تي روشني وجهڻ گهرجي ته اسانجي حڪومت معيشت جي تحفظ، ڪپت جي انتظام ۽ عام ماڻهن تي مهانگائي جي دٻاءَ کي گهٽائڻ لاءِ سخت سادگي جي قدمن، رليف پروگرام ۽ توانائي جا ضابطا نافذ ڪيا. سنڌ حڪومت طرفان ڪنيل اهم قدمن ۾ هيٺيان قدم شامل آهن.

سرڪاري گاڏين لاءِ فيول ڪنزمپشن الائونس (پيٽرل خرچن) ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ڪرڻ ۽ تيل جي ذخيرن کي محفوظ رکڻ لاءِ سرڪاري گاڏين جي هڪ وڏي حصي کي بيهارڻ (استعمال محدود ڪرڻ)؛

عوامي رليف فراهم ڪيو ويو، ۽ صوبائي حڪومت موٽرسائيڪل سوارن لاءِ 2000 روپيا ماهوار فيول سبسڊي جي منظوري ڏني ۽ روزانو سفر ڪندڙن جي تحفظ لاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن کي منجمند ڪري ڇڏيو. ان مقصد لاءِ موجوده مالي سال ۾ پيپلز فيول سبسڊي پروگرام تحت 4.0 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا آهن ته جيئن 786000 موٽرسائيڪل مالڪن کي مساوي قسطن ۾ مدد ڏئي سگهجي اهڙي ريت تيل جي قيمتن ۾ واڌ دوران سنڌ ۾ زرعي استحڪام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ مالي مدد طور سنڌ گروئرز سپورٽ پروگرام تحت 3.0 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا آهن.

- جڏهن ته، سنڌ انٽرا ڊسٽرڪٽ پيپلز بس سروسز تحت آپريشنز لاءِ فيول ڪاسٽ انڊيڪيشن جي مد ۾ 2.08 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا آهن. ان سان

ڳڻوڳڻ، اسان هڪ ماحول دوست طرز زندگي کي اپنائڻ ۽ ان کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهيون.

- اسان پهرئين مرحلي ۾ اليڪٽرڪ بسون هلائي گرين ٽرانسپورٽ (ماحول دوست سفري نظام) جو تصور متعارف ڪرايو آهي، پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام ۾ ايندڙ مالي سال دوران وڌيڪ سئو بسن جو اضافو ڪيو ويندو.
- ان هدف تي ٻڌل سبسڊيز 69 ارب رپين جي ان سبسڊي کان علاوه آهن، جيڪي جنسن جي آپريشنز کي آساني سان هلائڻ ۽ امدادي قيمت فراهم ڪرڻ لاءِ ڏني وئي آهي ته جيئن هارين کي ڪٽڪ جي پوکي طرف راغب ڪري سگهجي ۽ موجوده مالي سال ۾ صوبي لاءِ ذخيرن کي برقرار رکي سگهجي. اهڙي ريت اسان جنسن جي مارڪيٽ جي آپريشنز سان پنهنجو ڪردار گهٽ ڪري پاڻ کي هڪ ريگيوليٽر (تنظيمڪار) کان سهولتڪار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.
- حڪومت ان کان اڳ توانائي بچائڻ لاءِ ڪاروبار جلدي (رات 9 وڳي) بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. تنهن هوندي به معاشي ترقي ۽ ڪاروبار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت دڪانن، مالز ۽ ريسٽورينٽس لاءِ وقت جي انهن مقرر پابندين کي باقاعده طور تي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ان کان علاوه تيل جي سخت کوٽ سنگين حد تائين پهچڻ جي صورت ۾ شهرين جي چرپر کي محدود ڪرڻ ۽ عوامي اجتماعن تي سخت پابندي عائد ڪرڻ لاءِ هڪ هنگامي منصوبي طور مقامي سطح تي سمارٽ لاڪ ڊائونز نافذ ڪيا ويا.

**جناب اسپيڪر!**

سنڌ قومي هدف حاصل ڪرڻ ۽ بين الاقوامي واعدن کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ۽ ذميوارين کان پوري طرح واقف آهي، سنڌ پاڪستان انرجي رليف پلان ، ڪنٽري بيوشن ٽو پرائم منسٽرز آسٽريٽي فنڊ 2026 تحت پنهنجو حصو فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. وفاقي حڪومت جي مطالبي تي بين الضلاعي عوامي ۽ مال بردار ٽرانسپورٽ جي سبسڊي بابت چوٿين قدم جي سلسلي ۾ اسان هيل تائين 807.245

**ملين روپيا فراهم ڪري چڪا آهيون ۽ اسان ان مهم جي حمايت جاري رکنداسين جيسيتائين ملڪ معاشي محاذ تي بهتر مستحڪم نه ٿو ٿي وڃي.**

**ان کان علاوه، آءِ ايم ايف پروگرام 2025 تحت، سنڌ لاءِ موجوده مالي سال جي پُڄاڻي تي 290 ارب روپيا جو ڪيش بيلنس برقرار رکڻ لازمي آهي. سنڌ پين صوبن سان گڏجي زرعي انڪم ٽيڪس جو نئون نظام نافذ ڪيو آهي. خدمتن تي سيلز ٽيڪس لاءِ "نيگيٽو لسٽ" جو نظام اپنايو آهي. ياڙي جي ماليت جي جڳهه تي سنڌ ۾ جائيدادن جي ڪيپيٽل ويليو ايشن جو طريقيڪار نافذ ڪيو آهي، ۽ مربوط اي-پيڊز سسٽم ذريعي اي پروڪيورمينٽ (ڊجيٽل خريداري) کي اپنايو آهي، جنهن تحت اِي-پي (E-pay) سنڌ ۾ بين لاڳاپيل سڌارن ذريعي مختلف ٽيڪسن کي ڊجيٽلائز ڪيو ويو آهي. ان جي متوازي سمورين حڪومتي ادائگيون (G2P) پگهارن سان گڏ، پينشن ۽ وينڊر ادائگيون، ۽ عوام طرفان ٽينڊڙ سموريون ادائگيون (P2G) اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي "راست/مائيڪرو پيمنٽ گيٽ وي) جي طريقيڪار تي منتقل ڪئي ويون آهن.**

**جناب اسپيڪر!**

**هي ايوان موجوده مالي سال 2025-26 جي پڄاڻي جي ويجهو پهچي رهيو آهي. هن اهم موڙ تي، آئون صوبائي ڪابينا ۽ هن معزز ايوان جو دل جي گهرائين سان شڪر گذار آهيان جن سڄي دنيا ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ کي سامهون رکندي اهم فيصلا ڪرڻ ۽ سادگي جي قدمن تي اثرائتي عمل درآمد لاءِ سهڪار ۽ رهنمائي فراهم ڪئي. جنهن ۾ توانائي جي بچت، ڪم جي وقتن ۾ گهٽتائي، ۽ اُهي پاليسيون شامل آهن جن عام ماڻهن کي سياسي، سماجي ۽ معاشي غيريقيني صورتحال جي اهڙي آزمائش جي وقت جو دليريءَ سان مقابلو ڪرڻ ۾ سهولت فراهم ڪئي.**

**جناب اسپيڪر!**

**مالياتي نظم ۽ ضبط ۽ ترقيءَ جي رفتار کي مستحڪم رکندي هاٽوڪن ۽ اينڊڙ مالي سالن لاءِ ڪٽيل خرچن کي هلائڻ لاءِ وسيلن جو هڪ مستحڪم ۽ پاڻيرائپ تي ٻڌل نظام قائم ڪرڻ اسان جي حڪمت عملي جو هڪ اهم نڪتو رهيو**

آهي. هلندڙ مالي سال دوران حڪومت وسيع پئماني تي سڌارا عمل ۾ آندا، جن جو مقصد سنڌريل ٽيڪس نظام، آمدني جي بنياد ۾ واڌاري ۽ اوڳاڙيءَ جي نظام جي بهتريءَ ذريعي مالي وسيلن کي متحرڪ ڪرڻ آهي. اسٽيمپ ڊيوٽي ۽ خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس سميت آمدني جي اهم شعبن جي ڊجيٽلائيزيشن جي ڪم تي خاص توجهه ڏني وئي آهي، جنهن جو مقصد شفافيت وڌائڻ، انساني دخل اندازي کي گهٽ ڪرڻ ۽ اوڳاڙيءَ جي ڪم کي بهتر بڻائڻ آهي. درست وقت تي ڊيٽا جي منتقليءَ ۽ ڪاتن وچ ۾ وسيع رابطي جي لاءِ جديد ڊجيٽل پليٽ فارمز، اي پيمينٽ سسٽم، خودڪار مانيٽرنگ جا طريقيڪار ۽ مربوط ڊيٽا بيسز متعارف ڪرايا ويا آهن. انهن انقلابي اپائن نه رڳو آپريشنل ڪارڪردگي ۽ احتساب کي مضبوط بڻايو آهي، پر ثبوت تي ٻڌل مالياتي منصوبابندي ۽ آمدنيءَ جي وڌيڪ درست پيشنگوئي ڪرڻ جو بنياد پڻ رکيو آهي. اهڙين جامع ڪوششن جي نتيجي ۾ حڪومت يارهن مهينن ۾ 532.3 ارب روپين جون ٽيڪس وصوليون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي آهي. اميد آهي ته گذريل سال 505.9 ارب روپين جي اوڳاڙيل ٽيڪس جي ڀيٽ ۾ هن مالي سال 26-2025 دوران 625 ارب روپيا اوڳاڙي ٿيندي، جيڪا هڪ سال ۾ 6 سيڪڙو واڌ کي ظاهر ڪري ٿي. نان ٽيڪس اوڳاڙين ۾ پڻ تاريخي بهتري آئي آهي جن جو ڪاٿو گذريل سال جي 40.3 ارب روپين جي اوڳاڙيءَ جي ڀيٽ ۾ 86.5 ارب روپيا لڳايو ويو آهي، جيڪو 50 سيڪڙو واڌ کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ روينيو بورڊ هلندڙ مالي سال جي يارهن مهينن دوران 300 ارب روپين جي اوڳاڙيءَ جي ذريعي 22 سيڪڙو جي نمايان واڌ رڪارڊ ڪئي آهي. هن هلندڙ مالي سال جي پڄاڻيءَ تائين 360 ارب روپين جي اضافي جي اميد آهي، تنهن ڪري سال 27-2026 سنڌ سيلز ٽيڪس لاءِ بجيٽ جو ڪاٿو 450 ارب روپيا آهي، جڏهن ته بورڊ آف روينيو ۽ ايڪسائيز ڪمپوننٽس لاءِ ايندڙ سال جا ڪاٿا 234.060 ارب روپيا لڳايا ويا آهن.

اهڙي ريت، اسٽيمپ ڊيوٽي جي اوڳاڙيءَ جو ڪاٿو 32 ارب روپين تائين وڌڻ لڳايو ويو آهي، گڏوگڏ انفرااسٽرڪچر ايڪٽ 2026، تحت سيٽلمينٽ رڪوريز جي رقم 25 ارب روپين تائين آهي. منجمند معيشت جي چيلينجز باوجود اسان جي مرڪوز ۽ سڌارن تي ٻڌل طرز عمل اسان کي صوبائي آمدني ۾ خاطر خواهه اضافي

جو ڪاٿو لڳائڻ جي لائق ٺاهيو آهي، جيڪا ايندڙ پنجن سالن ۾ 1.2 ڪرب روپين تائين پهچڻ جي اميد آهي، اهڙي ريت اسان مالي سال 27-2026 دوران 775.060 ارب روپيا ٽيڪس آمدني جو هدف مقرر ڪيو آهي جنهن ۾ سروسز تي سنڌ سيلز ٽيڪس مان 450 ارب روپيا ۽ ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن محصولات ۽ بورڊ آف روينيو، ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس ۽ ٻين مان 240.06 ارب روپيا اوڳاڙي ٿيڻ شامل آهي. ساڳئي وقت مالي سال 27-2026 لاءِ نان ٽيڪس وصولين جو ڪاٿو 85 ارب روپيا لڳايو ويو آهي.

**جناب اعليٰ**، جيئن ته سنڌ پنهنجي مالي فرضن ۽ ترقياتي واعدن کي نڀائڻ لاءِ گهڻو ٺڙو وفاقي منتقليءَ تي ڀاڙي ٿي. ان ڪري سنڌ کي وفاقي وصولين ۾ 15 سيڪڙو کوٽ سان مهاڏو آهي ڇو ته اسان جي وفاقي وصوليون مئي 2026 مطابق 26-2025 جي 2.095 ڪرب روپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ 1.644 ڪرب روپيا ٿين ٿيون. ان جي باوجود صوبائي آمدنيءَ جي بنياد ۽ مالياتي انتظام کي بهتر بڻائڻ بابت اسان جي پائيدار ڪوشش سبب صوبي جي مالياتي صلاحيت آهستي آهستي مضبوط ٿي رهي آهي. اهي وڌيل وسيلا حڪومت کي سماج جي سمورن طبقن کي برابريءَ جي بنياد تي پبلڪ سروسز جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ وسيع مالياتي گنجائش مهيا ڪندا. انهن انگن اکرن سان گڏ آءٌ معزز ايوان آڏو هلندڙ مالي سال 26-2025 دوران سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي ۽ ڪارنامن جو مختصر احوال پيش ڪندس.

**جناب اسپيڪر!**

مالي سال 27-2026 جي بجيٽ ان اصول جي بنياد تي تيار ڪئي وئي آهي ته مالي ذميواري ۽ ترقي گڏو گڏ هلن. معاشي غير يقيني، مهانگائي، ٻاهريان خطرا حڪومت کان خبرداري ۽ ضابطي هيٺ هلڻ جي گهر ڪن ٿا. ساڳئي وقت عوام ۽ بنيادي ڍانچي ۾ سيڙپڪاري کي گهٽائڻ، سنڌ جهڙي هڪ اسرندڙ صوبي لاءِ قبولڻ جوڳو ناهي، تنهن ڪري اسان کي امدادي سرگرمين ۽ عالمي گهرجن وچ ۾ توازن پيدا ڪرڻو پوندو اسان دفاعي خرچن جي وڌندڙ ضرورتن کي سمجهون ٿا ان جي باوجود عوامي اسان جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان

متوازن طرز عمل اختيار ڪيو آهي جيڪو اهم پبلڪ سروسز، جو بچاءُ ڪري سگهي، گڏو گڏ اقتصادي سرگرمي کي هٿي وٺرائي ۽ مالي استحڪام برقرار رکي.

## سال 2026_27 جي بجيٽ ڪاٿن جا اهم نقطا

هاڻي آءٌ هن معزز ايوان آڏو ايندڙ مالي سال 2026-27 لاءِ بجيٽ ڪاٿا ۽ رٿيل خرچن جا اهم نقطا پيش ڪندس.

جناب اسپيڪر!

ايندڙ مالي سال 2026-27 جو ڪاٿو 3.525 ڪرب روپيا آهي، جيڪو گذريل سال جي مجموعي بجيٽ جي ڀيٽ ۾ 4 سيڪڙو واڌ کي ظاهر ڪري ٿو.

# خرچ

هاڻوڪي روينيو خرچ (CRE)، ڏس ۾ سال 2026-27 لاءِ بجيٽ ڪاٿا 2.56 ڪرب روپيا لڳايا ويا آهن، جيڪي گذريل سال جي ڪاٿن ۾ 20 سيڪڙو واڌ کي ظاهر ڪن ٿا.

ايندڙ سال لاءِ هاڻوڪي موڙي خرچ جو ڪاٿو 281.673 ارب روپيا لڳايو ويو آهي جنهن ۾ وائبلٽي گيپ فنڊ (VGF) جي ذريعي پي پي پي -تي ٻڌل منصوبي لاءِ 101 ارب روپين جي فراهمي شامل آهي، جڏهن تہ سنڌ پينشن فنڊ ۽ جنرل پرووايڊنٽ فنڊ جي لاءِ 50 ارب روپيا مختص ڪيا ويا آهن.

مالي سال 2026-27 لاءِ ترقياتي خرچ لاءِ بجيٽ ڪاٿا 720.385 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن جيڪي گذريل سال جي ترقياتي شعبي جي رقم 1،018.326 ارب روپين جي ڀيٽ ۾ 30 سيڪڙو گهٽتائي ظاهر ڪن ٿا. اهڙي گهٽتائي سمورن ترقياتي ڪمپوننٽس ۾ ڪئي ويندي. گذريل سال جي 520 ارب روپين بجيٽ جي ڀيٽ ۾ ايندڙ مالي سال 2026-27 لاءِ صوبائي ساليانہ ترقياتي پروگرام جا بجيٽ ڪاٿا 385

ارب روپين تائين گھٽايا ويا آهن. اهڙيءَ ريت ضلعي سالياني ترقياتي پروگرام لاءِ ايندڙ سال جا بجيٽ ڪاٿا 15 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن، تنهن هوندي بہ مالي سال 2026-27 لاءِ ايف پي اي ڪمپوننٽ جا بجيٽ ڪاٿا 256.055 ارب روپيا ٿيندا ۽ ايندڙ سال جي بجيٽ لاءِ وفاقي پي ايس ڊي پي 64.33 ارب روپيا تجويز ڪيو ويو آهي.

جناب اسپيڪر!

هتي آءٌ صوبي توڙي پاڪستان پيپلز پارٽي جو اصولي موقف ورجائيندس تہ اسان ترقيءَ کي تيز ڪرڻ ۽ پبلڪ سروسز ڊليوري کي بهتر بڻائڻ جي عزم تي ڪاربند رهنداسين. ايندڙ مالي سال لاءِ تجويز ڪيل ترقياتي ڪاٿو گنڀير معاشي ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو. اسان جي قوم لڳاتار جَهڪي اقتصادي ترقي، محدود سرڪاري آمدني ۽ محدود مالي وسيلن جي پيٽ ۾ وڌندڙ گهرجن سبب ڪافي مالياتي دٻائن کي منهن ڏيندي رهي آهي. موجوده علائقائي سالميت واري صورتحال دفاعي خرچن ۽ حڪمت عملي تي ٻڌل تياري جي سلسلي ۾ وڌيل قومي خرچن جي گهرجائو رهي آهي، جنهن سان حڪومت سيني شعبن ۾ ترقياتي خرچ لاءِ موجوده مالي گنجائش ۾ گهٽتائي ٿي آهي ۽ ساڳئي وقت عالمي توانائي مارڪيٽس ۾ بحران ۽ تيل جي بحرانن سبب حڪومتي آپريشنز، انفرااسٽرڪچر پروجيڪٽس، ٽرانسپورٽيشن، سروس ڊليوري جي لاڳت ۾ واڌ ڪئي آهي، جنهن سبب سرڪاري خزاني تي اضافي بار پيو آهي.

ان ڪان علاوه عالمي مالياتي ادارن سان هلندڙ معاهدن تحت مربوط مالياتي اُپائن ۽ خرچن تي ضابطو آڻڻ سبب سرڪاري شعبي جي خرچن تي پابندي عائد ٿي آهي. اهڙي صورتحال، جنهن جو مقصد اقتصادي پائيداري ۽ ڊگهي مدي تي ٻڌل اقتصادي استحڪام آڻڻ آهي، ان گهٽ مدي وارن ترقياتي خرچن جي دائره ڪار کي محدود ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت هلندڙ منصوبن جي ترجيحات طئي ڪرڻ، ضروري پبلڪ سروسز جي تحفظ ۽ دستياب وسيلن کي اثرائتن ڪمن تي مرڪوز ڪرڻ لاءِ دانشمندانہ ۽ ذميوارانو مالياتي طرز عمل اختيار ڪيو آهي.

نسبتن گهٽ ترقياتي رقم مختص ڪرڻ جي باوجود ڪوشش ڪبي تہ هر روپئي جو خرچ وڏيڪ لاڀ ڏي، جامع ترقي کي هٿي ڏي ۽ سنڌ جي عوام جي ڀلائيءَ ۽ خوشحاليءَ جو سبب بڻجي.

جناب اسپيڪر!

هاڻي آءٌ مالي سال 2026-27 لاءِ بجيٽ ڪاٽن جا اهم نقطا پيش ڪندس

موجوده آمدني خرچ (CRE) جي پيٽ ۾ سال 2026-27 لاءِ بجيٽ ڪاٽن جا ڪجھ اهم شعبا هيٺين ريت آهن:

- ✓ 216.537 ارب روپين جا فنڊ صوبي ۾ امن امان جيلن ۽ پوليسنگ لاءِ تجويز ڪيا ويا آهن.
- ✓ 27.565 ارب روپيا قانون ۽ پارليماني معاملن لاءِ تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ زراعت واري شعبي لاءِ 38.22 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن
- ❖ لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز شعبي لاءِ 11.6 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ آبپاشي شعبي لاءِ 41.1 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ توانائي سيڪٽر لاءِ 66.48 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ ورڪس اينڊ سروسز لاءِ 18.291 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ مڪاني ڪاتن واري شعبي لاءِ 201.39 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ لاءِ 8.18 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ صحت واري خدمتن لاءِ 354.271 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ اطلاعات ۽ تشهير لاءِ 10.856 ارب روپيا تجويز ڪيا ويا آهن.
- ❖ اسڪول ايجوڪيشن جنهن ۾ پرائمري، مڊل، سيڪنڊري، هاير سيڪنڊري لاءِ 446.958 ۽ ڪاليج لاءِ 41.414 ۽ 9.417 يونيورسٽيز ۽ اينڊ بورڊز لاءِ رکيا ويا آهن.
- ❖ 133.54 ارب روپيا اينڊڙ مالي سال 2026-27 ۾ سبسڊين لاءِ رکيا ويا آهن.
- ❖ 54.25 ارب روپيا قرضن ۽ وياج جي واپسي لاءِ رکيا ويا آهن.

# مالي سال 26_2025 جي ترقياتي منصوبن جو منظرنامو ۽ 27_2026 جو پورٽ فوليو

صوبائي ترقياتي پروگرام 26-2025 شروع ۾ 520 ارب روپين جو منظور ڪيو ويو هو پر وفاقي فنڊز ۾ علاقائي جنگين جي ڪري ايڊجسٽمنٽ ڪرڻ ڪانپوءِ 433.451 ارب روپيا ڪيو ويو. جنهن ۾ مڪمل ٿيندڙ اسڪيمن کي ۽ اهم سماجي شعبن ۽ ٻوڏ متاثر بنيادي ڍانچي جي بحالي واري منصوبن کي ترجيح ڏني وئي. هلندڙ مالي سال ۾ مختلف ڪاتن جي ساليانو ترقياتي پروگرام 26-2025 دوران 1066 اسڪيمن کي مڪمل ڪيو ويو. 473 نيون اسڪيمون شروع ڪيون ويون جيڪي 27-2026 جي مالي سال ۾ جاري رهنديون. 26-2025 دوران ڪل ترقياتي بجيٽ 1018.326 ارب روپيا جنهن ۾ 520 ارب روپيا صوبائي ترقياتي پروگرام 55 ارب روپيا ضلعي ترقياتي پروگرام ۽ 366.745 ارب روپيا پرڏيهي سهڪار سان هلندڙ منصوبا 76.582 وفاقي پي ايس ڊي پي گرانٽ سنڌ لاءِ جيڪي سنڌ حڪومت پاران شروع ڪيا ويا.

حڪومت جي ترجيحات ۽ سماجي اقتصادي نتيجن جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ ترقياتي بجيٽ رکي وئي هئي، جڏهن ته اي ڊي پي 26-2025 ۾ 480 نيون اسڪيمون شامل ڪيون ويون هيون ۽ انهن جاري منصوبن خاص طور تي 2022 جي مها ٻوڏ کان پوءِ جي اسڪيمن جي مڪمل ٿيڻ تي ڌيان ڏنو ويو. وسيلا بنيادي ڍانچي جهڙوڪ روڊ رستن، تعليم ۽ صحت جي سهولتن، گهرن جي تعمير، پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال، زراعت، لائيو اسٽاڪ، آبپاشي واري نظام جي برسات ۾ تباهي کان پوءِ ٻيهر بحالي لاءِ رکيا ويا.

# نظرثاني ٿيل بجيٽ 26-2025

هن سال، ساليانو ترقياتي پروگرام وسيلن جي گهٽتائي آپريشنل چئلينجز سبب فنڊن جو استعمال سست روي جو شڪار رهيو. 1381 اسڪيمن لاءِ مڪمل بجيٽ جيڪو 1018.326 کي نظرثاني ڪري 980.442 ارب روپيا ڪيو ويو.

## نظرثاني ڪيل بجيٽ

475.035 ارب روپيا صوبائي ساليانی ترقياتي پروگرام لاءِ

- ❖ 44.00 ارب روپيا ضلعي ترقياتي پروگرام لاءِ
- ❖ 384.825 عالمي سهڪار وارن منصوبن لاءِ
- ❖ 76.582 ارب روپيا وفاقي ترقياتي پروگرام لاءِ

## پرڏيهي فنڊ وارا منصوبا

مالي سال 26-2025 دوران 2 ترقياتي منصوبا 127.98 ارب روپين(113.45 ارب پرڏيهي سيڙپڪاري 14.53 ارب روپيا سنڌ حڪومت جي سيڙپڪاري) ترقياتي شراڪتدارن جي سهڪار سان شروع ڪيا ويا. ٻئي منصوبا منظور ڪيا ويا ۽ هن وقت تائين جاري آهن. پرڏيهي فنڊنگ وارا منصوبا 1942.76 ارب (پرڏيهي سيڙپڪاري 1717.37 ۽ 225.39 سنڌ حڪومت جي سيڙپڪاري) سان سنڌ ۾ جاري آهن. ان ڪان علاوه 715 ملين ڊالر جا 4 منصوبا هن وقت منظوري جي مختلف مرحلن ۾ پڻ آهن.

## مالي سال 26-2025 لاءِ حڪومتي ترقياتي ترجيحون

مالي سال 26-2025 لاءِ حڪومتي ترقياتي ترجيحون هيٺين منصوبن تي مرڪوز هنيون

- ❖ صحت جي سهولتن جي بحالي ۽ اپ گريڊيشن، سنڌ جي ضلعن ۾ ٽرشري اسپتالن، ٽراما سينٽرز ۽ ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي خدمتن ۾ واڌاري سميت.
- ❖ معياري ٻج ۽ پاڻ، ويليو چين جي ترقي ۽ نجي شعبي جي حصيداري ذريعي ماحولياتي مستحڪم زراعت ۽ بهتر زرعي پيداواري صلاحيت حاصل ڪرڻ.
- ❖ پاڻي جي بچت ۽ ٻوڏ کان بچاءَ جي صلاحيت بحال ڪرڻ لاءِ ٻوڏ کان تباهه ٿيل آبپاشي ۽ پاڻي جي نيڪال واري ڍانچي جي بحالي.
- ❖ ڳوٺاڻي ۽ شهري علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ محفوظ سينيٽيشن جي فراهمي.
- ❖ سڄي صوبي جي وڏن شهرن ۽ ڳوٺن جي رهواسين لاءِ روڊن جي نيٽ ورڪ ۾ بهتري

- گرين انرجي (ماحول دوست توانائي) جا قدم، سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ سميت جنهن لاءِ جدت پذير توانائي جي خاص قدمن تحت 25 ارب روپيا رکيا ويا آهن، ۽ سولر هوم سسٽمز جي ورڇ.
- ڪراچي لاءِ ماس ٽرانزٽ ۽ شهري انفرا اسٽرڪچر جي ترقي، بي آر ٽي، ريڊ لائين ۽ ييلو لائين، سيف سٽي فيز-I ڪورنگي ڪاز وي برج، گجر نالو فلاءِ اوور ۽ لياري ٽرانسفارميشن پيڪيج سميت.
- ڪاميابي (SUCCESS) پروگرام ۽ 18 ضلعن ۾ ڳوٺاڻي ترقياتي مرڪزن ذريعي غربت ۾ گهٽتائي سماجي تحفظ ۽ گهٽ لاڳت وارن گهرن جي فراهمي.

## ڪاميابين جو شعبن جي سطح تي جائزو

ساليانو ترقياتي پروگرام 2025-26 (اي ڊي پي) سيني جي شموليت تي ٻڌل واڌ ۽ پائيدار ترقي لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي جي عڪاسي ڪري ٿو، جنهن جو مرڪز عوامي خدمت کي مضبوط بڻائڻ، انفرا اسٽرڪچر کي جديد بڻائڻ ۽ سماجي برابري کي هٿي وٺرائڻ آهي. سنڌ صحت، تعليم، شهري بنيادي ڍانچي، آبپاشي، ٽرانسپورٽ، تجديد جوڳي توانائي، ثقافت ۽ قانون لاڳو ڪرڻ ۾ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي. هيٺيان نڪتا هلندڙ سال جي ترقياتي سرگرمين جي پکيڙ ۽ گهرائي جي نشاندهي ڪن ٿا.

1- <u>زراعت جو شعبو</u>

<u>**نتيجا**</u>: شمسي توانائي سان هلندڙ ٽيوب ويل ۽ واٽر ڪورسز کي پڪو ڪرڻ جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي؛

ورٽيڪل فارمنگ ۽ بيمارين سان جهيڙيندڙ فصلن جي ٽيڪنالاجيز متعارف ڪرائي وئي آهي.

<u>**عوامي سهولت**</u>: ننڍن هارين کي هاڻي رعايتي اگهن تي سولر پمپس ۽ جديد زرعي اوزارن تائين رسائي حاصل آهي، جنهن سان آبپاشي جي خرچن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي.

**اثر**: ٿرپارڪر، لاڙڪاڻو ۽ خيرپور جهڙن ضلعن ۾ فصلن جي پيداوار ۾ اضافو، ماحولياتي تبديلين خلاف بهتر استحڪام ۽ لاباري بعد ٿيندڙ نقصانن ۾ گهٽتائي آئي اهي.

**حڪومت جو ڪردار**: حڪومتي سبسڊيز ۽ صلاحيتون وڌائڻ جي قدمن ذريعي ننڍن آبادگارن کي بااختيار بڻايو آهي، غذائي تحفظ کي بهتر ڪيو آهي ۽ گرڊ بجلي تي ياڙڻ گهٽايو آهي.

## 2_ ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز وارو شعبو:

**نتيجا**: ٺٽي، بدين، ڄامشورو ۽ ٿرپارڪر ۾ ثقافتي ڪمپليڪس، عوامي لائبريريون، ثقافتي ورثي جي تحفظ وارن ماڳن ۽ سياحتي ريزورٽس مڪمل ڪيا ويا آهن.

**عوامي سهولت**: شهرين کي هاڻ جديد لائبررريون، عجائب گهرن ۽ ثقافتي مرڪزن تائين رسائي حاصل آهي؛ سياح اپگريڊ ٿيل ريسٽ هائوسز ۽ هيريٽيج ريزورٽس مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن.

**اثر**: مقامي سياحت کي هٿي ملي آهي، سنڌ جي ڀرپور ثقافتي ورثي جو تحفظ ٿيو آهي ماضي ۾ نظرانداز ڪيل ضلعن ۾ تفريحي ماڳ فراهم ڪيا ويا آهن.

**حڪومت جو ڪردار**: ثقافتي انفرا اسٽرڪچر ۾ اسٽريٽجڪ سيڙپڪاري روزگار جا موقعا پيدا ڪيا آهن، مقامي فن کي هٿي ڏني آهي ۽ سماجي ڀلائي ۽ ترقي کي بهتر بڻايو آهي.

3- **تعليم** وارو شعبو:

**نتيجا**: 500 کان وڌيڪ اسڪولن جي بحالي ڪئي وئي آهي، انهن کي مڊل يا هاءِ اسڪول جي سطح تي اپ گريڊ ڪيو ويو آهي ۽ اتي پيئڻ جي پاڻي جون سهولتون، واش رومز ۽ سولر پاور فراهم ڪيا ويا آهن.

**عوامي سهولت**: ٻهراڙي ۽ ٻوڏ متاثر علائقن جي شاگردن کي هاڻ محفوظ، قابلِ رسائي ۽ بهتر سهولتن سان آراسته تعليمي ماحول ميسر آهي.

**اثر**: اسڪولن ۾ داخلائن ۾ واڌ ٿي آهي، شاگردن جي اسڪول ڇڏڻ جي شرح ۾ (خاص طور تي شاگردياڻين ۽ معذور ٻارن) گهٽتائي آئي آهي ۽ تعليمي نتيجا بهتر ٿيا آهن.
<u>**حڪومت جو ڪردار**</u>: اسڪولن جي انفرا اسٽرڪچر ، خصوصي تعليم ۽ استادن جي تربيت ۾ وڏي پيماني تي سيڙپڪاري شهري ۽ ڳوٺاڻي تعليم جي فرق کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي.
4- توانائي وارو شعبو:
**نتيجا**: سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ مڪمل ڪيو ويو آهي، ان سان گڏ بدين، سجاول ۽ ٿرپارڪر جي سوين اسڪولن ۽ ڳوٺن کي شمسي توانائي تي منتقل ڪيو ويو آهي.
<u>**عوامي سهولت**</u>: ڏورانهن ۽ نيشنل گرڊ کان محروم برادرين کي هاڻي گهرن، اسڪولن ۽ صحت جي سهولتن لاءِ متبادل توانائي دستياب آهي.
اثر: روايتي ٻارڻ (FOSSIL FUELS) تي ڀاڙڻ گهٽ ٿيو آهي، گهٽ آمدني وارن ڪٽنبن لاءِ توانائي جا خرچ گهٽيا آهن ۽ اسڪول ويندڙ ٻارڙن جي مطالعي جي وقتن ۾ بهتري آئي آهي.
<u>**حڪومت جو ڪردار**</u>: تجديد لائق توانائي کي هٿي وٺرائڻ سان توانائي جي تحفظ کي مستحڪم ڪيو ويو ۽ ماحولياتي تبديلين جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوششن ۾ حصو وڌو آهي.
5- ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي
<u>**نتيجا**</u>: ٺٽي، بدين، سجاول ۽ ڪراچي ۾ فلوٽنگ جيٽيز، ساحلي رستا ۽ ماحولياتي نگراني جا اسٽيشن تعمير ڪيا ويا آهن.
<u>**عوامي سهولت**</u>: ساحلي برادرين کي هاڻي مارڪيٽن، صحت جي سارسنڀال ۽ هنگامي طور تي منتقل ٿيڻ وارن رستن تائين محفوظ ۽ وڌيڪ اثرائتي رسائي حاصل آهي.
**اثر**: ماحولياتي استحڪام مضبوط ٿيو اهي، ساحلي ڳوٺن جي اڪيلائي دور ٿي اهي ۽ شهري مرڪزن ۾ هوا جو معيار (ايئر ڪوالٽي) جي مانيٽرنگ بهتر ٿي آهي.

**حڪومت جو ڪردار**: ساحلي انفرا اسٽرڪچر ۽ ماحولياتي تحفظ ۾ فعال سيڙپڪاري مقامي روزگار ۽ ماحولياتي نظام (ايڪو سسٽمز) کي تحفظ فراهم ڪيو آهي.

## 6_ ٻيلو ڪاٽو ۽ جهنگلي جيوت

**نتيجا**: حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن ۾ غيرسرڪاري ٻيلي جي زمينن تي وڻڪاري ۽ ڪاربان کي جذب ڪندڙ منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن.

عوامي سهولت: مقامي برادرين کي سرسبزي کان وڌندڙ دائرا، گرمي جي شدت ۾ گهٽتائي، ۽ بائيوڊائيورسٽي ۾ واڌ ۾ بهتري جا فائدا ملي رهيا آهن.

**اثر**: ڪاربان جذب ڪندڙ ذخيرا وڌيا آهن، مٽيءَ جي ڪاٽ ۾ گهٽتائي آئي آهي ۽ ٻوناٽن علائقن ۾ ماحول دوست روزگار جا موقعا پيدا ٿيا آهن.

# رابطي ۽ سفري وقت ۾ گهٽتائي

- شامل رٿائون: اهم روڊن جي ڪشادگي ۽ مرمت ۽ بحالي، بشمول عمر ڪوٽ کان رتنور روڊ (40 ڪلوميٽر)، ننٿي کان جهمپير روڊ (40 ڪلوميٽر) وارهه کان ميهڙ وايا گاجي کهاوڙ (29.8 ڪلوميٽر)، ۽ لاڙڪاڻو، قمبر ۽ حيدرآباد ۾ ڊبل ڪيريج وي جا منصوبا.

## ماحولياتي لچڪدار بنيادي ڍانچو ۽ تباهي بعد بحالي

- برساتن جي سبب متاثر روڊن جي بحالي(جوهي کان ڇني، بيد کان ميان نصير محمد ڪلهوڙو، نوابشاه سعيد آباد روڊ)، نهرن ڪينالن ۽ ندين تي نئين پلين جي اڏاوت، ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ جي قرض جي سهڪار سان سنڌ فلڊ ايمرجنسي پروجيڪٽ .(EFAP)

## شهري اچ وڃ ۽ معيار زندگيءَ ۾ بهتري

- سجاول شهر ۾ ڊبل ڪيريج وي، ڪنڊڪوٽ ، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ جيڪب آباد جهڙن شهرن ۾ پيور بلاڪ گهٽيون، پاڻي جي نيڪال جي نظام ۽ ٽف پيور جي ڪم، باءِ پاسز جي اڏاوت (قمبر کان شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو-ميروخان

ڪان قمبر-سجاول)، ريلوي ڪرانسنگز (ٽنڊوآدم، ڪوٽري) تي اوور هيڊ پُلن جي اڏاوت

# نون خرچن جو شيڊول

صوبي جي سمورن وڏن ڪاتن تي مشتمل نون شيڊولڊ خرچن لاءِ مالي 2026-27 جي بجيٽ ڪاٿو 12.4 ارب روپيا آهي، جڏهن تہ مختلف ڪاتن ۾ 864 نيون آساميون پيدا ڪيون ويون آهن.

# علم تي ٻڌل معيشت لاءِ يونيورسٽين جي سهائتا

جناب اسپيڪر!

اعليٰ تعليم ۾ سيڙپڪاري پائيدار معاشي ترقي ۽ انساني ڀلائي ڪي هٿي ڏيڻ جي موثر ذريعن مان هڪ آهي. شهري ۽ ٻهراڙي جي علائقن وچ ۾ گهربل سطح تي تعليم جي فراهمي ڪي هڪ جهڙو بڻائڻ لاءِ يونيورسٽين کي ڏني ويندڙ امداد معياري تعليم تائين رسائي ڪي هٿي ڏيڻ 21 صديءَ لاءِ هنرمند پورهئي جي سگهہ تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

سنڌ ۾ خواندگي جي شرح ۾ ڏاڪي وار اضافي جي امڪاني لاڙي ڪي نظر ۾ رکندي، تعليم نتيجن ڪي بهتربهتر بڻائڻ ۽ سستي، قابل رسائي ۽ معياري اعليٰ تعليم جي فراهمي، جديديت ڪي هٿي ڏيڻ ۽ نوجوانن ڪي علم تي ٻڌل عالمي معيشت ۾ مقابلو ڪرڻ لاءِ ضروري مهارتن سان سلهاڙڻ لاءِ يونيورسٽين جي مسلسل امداد اڻٽر آهي ان مقصد ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي سرڪاري يونيورسٽين ڪي گرانٽس جي مد ۾ 45.1 ارب روپيا فراهم ڪيا ويا آهن.

# غريب دوست قدم

سنڌ حڪومت معاشري جي ڪمزور ۽ پنتي پيل طبقن جي زندگين کي بهتر بڻائڻ لاءِ غريب دوست قدمن جي هڪ جامع پورٽ فوليو جي ذريعي سيني جي شموليت تي ٻڌل ۽ منصفاڻي ترقي کي هٿي ونرائڻ لاءِ پر عزم آهي. موجوده معاشي چيلينجز کي نظر ۾ رکندي اهي قدم بيروزگار ۽ تحفظ، سماجي نيٽ ورڪس کي مضبوط بڻائڻ ۽ پوري صوبي اندر وانجهيل طبقن لاءِ پائيدار معاشي موقعا پيدا ڪرڻ حڪومتي عزم جو ثبوت آهن.

مالي سال 2026-27 لاءِ غريب دوست پورٽ فوليو جي تحت 13.3 ارب روپيا مختص ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ 2025-26 دوران 19.6 ارب روپيا مختص ڪيا ويا هئا جيتوڻيڪ مجموعي ڪٽوتي صوبائي ناڻي کي درپيش هاڻوڪين مالياتي رڪاوٽن جي عڪاسي ڪري ٿي، ان هوندي بہ حڪومت ان اهم قدم جي تسلسل کي ترجيح ڏني آهي جيڪو گهٽ آمدني وارن خاندانن، عورتن، معذور ماڻهن، ننڍن هارين، مزدور ۽ ننڍن واپارين تي سڌي ريت فائدو رسائيندو.

ان شعبي تحت مختلف اُپائن جو هڪ وسيع دائرو شامل آهي جنهن سماجي تحفظ، زرعي معاونت، هائوسنگ، معذور ماڻهن لاءِ امداد، عورتن کي بااختيار بڻائڻ، ايس ايم اي (SME) کي ترقي ونرائڻ، مهارتن ۾ اضافو ۽ سماجي ڀلائي شامل آهن. اهم منصوبن ۾ سنڌ پيپلز سپورٽ پروگرام، بينظير هاري ڪارڊ، غريب ۽ بي زمين هارين لاءِ ڪچن گارڊننگ ڪٽس (گهريلو باغباني جا اوزار) ، بينظير هائوسنگ جهڙا قدم، چوپائي مال جي ورچ جون رٿائون مددگار اوزارن ذريعي معذور ماڻهن جي مدد، سنڌ انٽر پرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (SEDF) ذريعي ننڍن ڪاروبارن جي فنڊنگ، زرعي شعبي سان واڳيل عورت پورهيتن جي مدد، ڪم جي صلاحيت وڌائڻ پروگرام ۽ بيواهن ۽ يتيمن لاءِ امداد شامل آهي.

حڪومت حڪمت عملي ڪان ڪم ونندي وسيلن ڪي اهڙن پروگرامن تي مرڪوز ڪيو آهي جن جا سڌي ريت ۽ سماجي ۽ معاشي اثر مرتب ٿين ٿا. بينظير هاري ڪارڊ پروگرام ( جنهن ڪي مالي سال 26-2025 ۾ 8.0 ارب روپيا ڏنا ويا آهن ۽ مالي سال 27-2026 ۾ 3.0 ارب روپين جي ڪٽوتي سان جاري رکيو پيو وڃي) ننڍن هارين جي مدد ۽ زرعي روزگار جي تحفظ لاءِ هڪ تاريخي قدم آهي اهڙي ريت سنڌ پيپلز سپورٽ پروگرام ۽ بينظير هائوسنگ جي قدمن لاءِ به 2-2 ارب روپيا مختص ڪيا ويا آهن، ته جيئن ڪمزور خاندانن ڪي مسلسل امدادي فراهمي ڪي يقيني بڻائي سگهجي. روزگار جي فراهمي مقامي معاشي ترقيءَ ۾ ننڍن ڪاروبارن جي ڪردار ڪي تسليم ڪندي (SEDF) جي ذريعي ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري جي شعبي (SME) لاءِ بهبه 2.0 ارب روپين جي امداد برقرار رکي وئي آهي.

انساني سرمائي جي ترقي ۽ سماجي شموليت تي خاص توجه ڏني وئي آهي. صلاحيتن ڪي وڌائڻ جي قدمن لاءِ مختص فنڊ 500 ملين روپين نمايان طور تي وڌائي 2.0 ارب روپيا ڪيا ويا آهن، جيڪي حڪومت جي ان اعتراف ڪي ظاهر ڪن ٿا ته مهارت ۽ علم ڊگهي مدي واري غربت ۾ گهٽتائي لاءِ بنيادي محرڪ آهن. اهڙي طرح بيواهن ۽ يتيمن لاءِ امداد ڪي 200 ملين روپين مان وڌائي 700 ملين روپيا ڪيو ويو آهي ته جيئن معاشري جي سڀني ڪان وڌيڪ ڪمزور طبقن لاءِ سماجي تحفظ جي طريقيڪار ڪي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي. انهن قدمن سان نمايان سماجي ۽ معاشي فائدا حاصل ٿيڻ جي اميد آهي. زرعي امدادي پروگرام غذائي تحفظ ڪي محفوظ ڪندو، ٻهراڙي جي آمدني ۾ اضافي جو سبب بڻبو، ننڍن ۽ بي زمين هارين ڏڪيائين ڪي گهٽ ڪندو. رهائشي قدم گهٽ آمدني وارن خاندانن ڪي ڇتِ ۽ تحفظ فراهم ڪندا، جڏهن تهته تعميراتي شعبي ۾ معاشي سرگرمين ڪي هٿي ڏيندا. ايس ايم اي ۽ اسٽارٽ اپ امدادي پروگرام، ڪاروبار ڪي هٿي ڏيندو، خانگي سيڙپڪاري ڪي متحرڪ ڪندو ۽ خاص طور تي نوجوانن ۽ عورتن لاءِ روزگار جا موقعا

پيدا ڪندو. معذور ماڻهن، بيواهن ۽ يتيمن جي مدد سان شموليت کي هٿي ملندي ۽ ضروري خدمتن تائين رسائي بهتر ٿيندي.

صوبي جي موجوده معاشي ماحول ۾ اجان تائين ڪيترائي خاندان مهانگائي ۽ آمدني ۾ محدود اضافي جي اثرن کي منهن ڏئي رهيا آهن، هي غريب دوست قدم معاشي ڌڪيائين جي خلاف هڪ اهم حفاظتي حصار طور ڪم ڪندا. سماجي تحفظ کي روزگار جي بهتري ۽ معاشي خودمختياري سان ملائي سنڌ حڪومت هڪ وڌيڪ لچڪدار، گهڻ رخي ۽ خوشحال معاشري جو بنياد رکي رهي آهي. ان ڪري هي غريب دوست پورٽ فوليو رڳو هڪ خرچن تي ٻڌل پروگرام ناهي پر هي سنڌ ۾ انساني ترقي ۽ پائيدار معاشي ترقيءَ ۾ هڪ پائيدار سيڙپڪاري جي نمائندگي ڪري ٿو.

# مختلف ادارن لاءِ گرانٽ ان ايڊ

مالي سال 2026-27 لاءِ سنڌ حڪومت جو گرانٽ ان ايڊ پورٽ فوليو سماجي تحفظ صحت جي سارسنڀال، تعليم، مقامي طرز حڪومت، اعليٰ تعليم، آفتن جي بعد بحالي ۽ عوامي خدمتن جي بحالي لاءِ حڪومتي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو. اهڙيون رقمون مختص ڪرڻ ترقي ۽ ڀلائي جي قدمن تي گهري توجه کي ظاهر ڪن ٿيون. صوبي جي شهرين جي معياري زندگي کي بهتر بڻائڻ آهي.

# گرانٽس جي شعبي وار ورڇ

## صحت جو شعبو

وڏا ادارا ۽ پروگرام هيٺين ريت آهن:

- نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪيولر ڊيزيز NICVD)
- سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪيولر ڊيزيز SICVD)
- پيپلز پرائمري هيلٿ انيشيٽو PPHI)

- سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (SIUT)
- پير عبدالقادر شاھ جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز، گمبٽ
- سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي (SICHN)
- انڊس اسپتال
- چائلڊ لائف فائونڊيشن
- ٽراما سينٽر ۽ ايمبولينس سروسز
- ايڪسپينڊيڊ پروگرام آن اميونائيزيشن (EPI)
- جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC)

## مختص رقم

- مالي سال 2025-26: 117.61 ارب روپيا
- مالي 2026-27: 144.75 ارب روپيا
- واڌ: 27.14 ارب روپيا (23.1 سيڪڙو)

## تعليم جو شعبو

اسڪول ايجوڪيشن

- مفت درسي ڪتاب
- نائين کان ٻارهين جماعت لاءِ رجسٽريشن ۽ امتحاني فيس جي مد ۾ امداد
- سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا پروگرام
- اسڪالرشپس
- ديني مدرسن لاءِ گرانٽس

## اعليٰ تعليم

- يونيورسٽي آف ڪراچي
- سنڌ يونيورسٽي
- اين اي ڊي يونيورسٽي
- مهراڻ يونيورسٽي

- سکر آءِ بي اي يونيورسٽي
- ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز
- جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي
- شاهه عبداللطيف يونيورسٽي
- سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ۽ ٻيا ادارا

**گڏيل رقم مختص ڪرڻ**

- **مالي سال** 2025-26: 33.39 **ارب روپيا**
- **مالي سال** 2026-27: 58.14 **ارب روپيا**
- واڌ: 24.75 **ارب روپيا** (74 سيڪڙو)

**مڪاني حڪومت ۽ ميونسپل سروسز**

- سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ
- ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (ڪي فور- پاور ڪمپوننٽ)
- مڪاني ادارن کي فنڊن جي منتقلي

رقم مختص ڪرڻ

- **مالي سال** 2025-26: 193.18 **ارب روپيا**
- **مالي سال** 2026-27: 193.61 **ارب روپيا**

جيتوڻيڪ مڪاني ادارن کي فنڊن جي منتقلي ۾ 10 ارب روپين جي ڪوٽ آئي آهي تنهن هوندي بہ شهري بنيادي ڍانچي ۽ ميونسپل سروسز جي لاءِ جوڳي رقم فراهم ڪئي وئي آهي.

**زراعت ۽ غريب دوست اُپاءَ:**

- **بينظير هاري ڪارڊ پروگرام لاءِ مالي سال** 2026-27 **جي مختص رقم**: 2.5 ارب روپيا

- رهائشي ۽ سماجي تحفظ
- بينظير هائوسنگ سيل
- غريب خاندانن لاءِ رهائشي گهر (هائوسنگ يونٽس)
- ٻوڏ متاثر گهرن جي ٻيهر تعمير لاءِ مالي سال 2026-27 جي مختص رقم: 5.2 ارب روپيا
- ڊزاسٽر مينيجمينٽ ۽ بحالي
- پرونشل ڊيزاسٽر مينيجمنٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي)
- سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز
- مختص (ايلوڪيشن)
- مالي سال 2025-26: 1.98 ارب روپيا
- مالي سال 2026-27: 3.05 ارب روپيا
- اضافو: 1.06 ارب روپيا
- خصوصي صلاحيتون رکندڙ ماڻهو
- خصوصي صلاحيتون رکندڙ ماڻهن لاءِ انڪلوسو سٽي
- غير سرڪاري تنظيمون (اين جي اوز) ۽ معذور ماڻهن جي تنظيمن لاءِ گرانٽس:
- مالي سال 2025-26 لاءِ مختص رقم: 7.35 ارب روپيا
- مالي سال 2026-27 لاءِ 5.95 ارب روپيا

## فني ۽ پيشورانہ تعليم

- اسٽيوٽا ۽ بينظيرڀٽو شهيد هيومن ريسورس ڊولپمنٽ بورڊ: مالي سال 26-2025 لاءِ مختص رقم: 2.71 ارب روپيا ۽ مالي سال 2026-27 لاءِ 3.08 ارب روپيا

## پبلڪ ٽرانسپورٽ

- اليڪٽرڪ بس پروجيڪٽ
- پيپلز بس سروسز لاءِ ٻارڙن جي لاڳت ۾ امداد (سبسڊي) ٻنهي سالن ۾ مالي سال 2026-27 لاءِ مختص رقم : 3.33 ارب روپيا

## سنڌ جي عوام لاءِ گرانٽس جي اهميت:

### سرڪاري صحت جي شعبي کي مضبوط بڻائڻ:

گرانٽس جو سڀ کان وڏو حصو صحت جي ادارن لاءِ مختص ڪيو ويو آهي. اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي، ايس آءِ سي وي ڊي، پي پي ايڇ آءِ ۽ ايس آءِ سي ايڇ اين لاءِ فنڊنگ دل جي بيمارين، گردن جي بيمارين، ڪينسر جي علاج، ماءُ جي صحت ۽ ٻار جي سارسنڀال لاءِ مفت يا انتهائي رعايتي علاج جي مسلسل فراهمي کي يقيني بڻائي ٿي. هي ادارا بنيادي طور تي انهن گهٽ آمدني وارن ڪٽنبن جون ضرورتون پوريون ڪن ٿا جيڪي نجي اسپتالن جي علاج جو خرچ برداشت نٿا ڪري سگهن.

## تعليم تائين رسائي ۾ بهتري

يونيورسٽين لاءِ گرانٽس ۾ اضافو، مفت درسي ڪتاب، اسڪالرشپس ۽ امتحاني فيس جي مد ۾ امداد سان تعليم جي راهه ۾ رڪاوٽون گهٽبيون. اهڙي طرح جي قدمن جي سنڌ ۾ خاص طور تي اهم آهن جتي شرح خواندگي ۽ اعليٰ تعليم ۾ شموليت جي شرح کي مستقل بهتري جي ضرورت آهي.

### مقامي حڪومتن جي مدد

مڪاني ادارن کي فنڊن جي منتقلي سان ضروري شهري خدمتون جهڙوڪ صفائي سترائي، سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ، واٽر سپلاءِ، گندي پاڻي جي نيڪال ۽ ڪميونٽي انفرا اسٽرڪچر جي فراهمي ۾ سهولت ملي ٿي. اهي خدمتون براهِ راست عوامي صحت ۽ صلاحيتن کي سُٺا اثر ڇڏين ٿيون.

### سماجي تحفظ کي هٿي وٺرائڻ:

بينظير هاري ڪارڊ ۽ هائوسنگ (رهائشي) اسڪيمون آبادگارن، غريب خاندان ۽ ڪمزور طبقن کي براهِ راست امدد فراهم ڪن ٿيون، اهڙا قدم مهانگائي ۽ ماحولياتي بحرانن ۽ معاشي ڏکيائين جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

آفت کي منهن ڏيڻ جي تيارين کي مضبوط بڻائڻ

پي ڊي ايم اي ۾ ريسڪيو سروسز جي فنڊن ۾ اضافو صوبي جي ٻوڏ، ڏڪار ۽ ٻين هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ آهي جيڪي ماحولياتي تبديلين سبب هاڻي مسلسل ظاهر ٿي رهيا آهن.

## روزگار جا موقعا وڌائڻ:

فني ۽ پيشورانه ادارن لاءِ مالي امداد نوجوانن جي مهارتن کي نکارڻ، روزگار حاصل ڪرڻ ۽ معاشي شموليت ۾ اهم ڪردار اداڪري ٿي، جنهن سان بيروزگاري کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي.

## ريوينيو ايڪٽ ۾ قانونسازي جي فرقن/بيضابطگي ۾ سڌارا

جناب اسپيڪر!

هاڻي آءٌ خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس بابت ڪجهه قدمن طرف ڌيان ڏيارڻ گهران ٿو جيئن ته هي معزز ايوان واقف آهي اسان ايڪٽ 2011 جي پهرئين شيڊول ۾ چوٽ کي واضح ڪري سيلز ٽيڪس جي نظام کي پازيٽو لسٽ ٽيرف کان نيگيٽو ٽيرف جي نظام ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو، اهڙي ريت، اهي خدمتن جي جاٽايل پهرئين شيڊول ۾ شامل نه آهن اُهو ٽيڪس جي معياري شرح لاءِ قابل ادائگي قرار نه ڏنو ويو هو. ٽيرف جي ان نظام ۾ منتقلي جي نتيجي ۾ نه رُڳو ٽيڪس نيٽ جو دائره ڪار وسيع ٿيو آهي پر سروسز جي دائره ڪار جي تڪرارن ۽ قانوني پيچيدگين ۾ به گهٽتائي آئي آهي.

طريقيڪار کي سادو بڻائڻ ۽ اِن پُٽ ٽيڪس ڪريڊٽ جي سهولت ڏيڻ سبب ڪجهه خدمتن جي حوالي سان ٽيڪس جي شرح کي منطقي ۽ موزون بڻايو ويو آهي. اهڙن قدمن سان ٽيڪس جي شرحن جي ٻٽي معيار (فرق) جو به خاتمو ٿيندو. تعليمي امدادي خدمت (شاگردن لاءِ تعليمي مشاورت، ٽيسٽنگ ۽ تشخيصي خدمتن سميت) کي هٿي ونرائڻ لاءِ، سيلز ٽيڪس جي شرح کي گهٽائي 5 سيڪڙو ڪرڻ جي تجويز آهي. اهڙي ريت پاڪستاني پورهيتن جي پرڏيهه ۾ نوڪري لاءِ ڀرتي ڪرڻ وارن ايجنٽن جي خدمتن تي 5 سيڪڙو سيلز ٽيڪس جي رعايت کي وڌيڪ ٻن سالن لاءِ

جاري رکڻ جي تجويز آهي. بين الاقوامي امدادي ادارن جي فندن سان سنڌ ۾ ٿيندڙ ترقياتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ان سلسلي ۾ سيلز ٽيڪس ۾ مخصوص رليف ڏيڻ جي به تجويز آهي.

ريٽيل (پرچون) جي شعبي ۾ دستاويزن جي تياري ۽ ڊيجيٽلائيزيشن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ بيوٽي پارلرز ۽ سيلونز پاران پوائنٽ آف سيل سسٽم کي پاڻ سان ڳنڍڻ هاڻي لازمي قرار ڏيڻ جي تجويز آهي، جڏهن ته اهڙين خدمتن تي 8 سيڪڙو گهٽ ڪيل شرح سان ٽيڪس نفاذ برقرار رهندو.

**جناب اسپيڪر!**

انشورنس جو شعبو (خاص طور تي لائيف انشورنس، هيلٿ انشورنس، ري انشورنس ۽ انشورنس بروڪرز) ڪنهن نه ڪنهن بهاني سنڌ سيلز ٽيڪس جي ادائگي کان انڪار ڪندو رهيو آهي انشورنس ڪمپنين ان سلسلي ۾ عدالتن جي قانوني دائره اختيار سان به رجوع ڪيو آهي. ان تعطل کي ختم ڪرڻ ۽ عام ماڻهو تائين انشورنس خدمتن (خاص طور تي هيلٿ ۽ لائيف انشورنس) جي رسائي کي آسان بڻائڻ لاءِ، صنعت جي نمائندن سان ڪامياب ڳالهيون ڪيون ويون آهن ۽ مسئلن جي حل لاءِ هڪ اهڙو فريم ورڪ تيار ڪيو ويو آهي جنهن سان سمورن طبقن جا ماڻهو ان ريلف مان فائدو حاصل ڪري سگهندا. چاڻايل انشورنس سيڪٽر ٽيڪس قاونن جي تعميل ڪندو، پنهنجا ڪيس واپس وٺندو ۽ ماضي جون رهتون ادا ڪندو. ان کان علاوه انشورنس ايجنٽن ۽ بروڪرز تي ٽيڪس جي شرح کي بالترتيب 5 سيڪڙو وڏيڪ گهٽ ڪري 2 سيڪڙو ۽ 3 سيڪڙو ڪرڻ جي تجويز آهي.

ان سان نه رُڳو اهڙن ايجنٽن ۽ بروڪرز جي انشورنس ڪوشش جي حوصلا افزائي ٿيندي پر ان لاءِ وڌيڪ آمدني به حاصل ٿيندي. انفرادي انشورنس جي سلسلي ۾ ٽيڪس ڇوٽ جي حد کي 0.5 ملين (5 لک) روپين جي انشورنس ڪوريج کان وڌائي 3.5 ملين روپيا جي ڪوريج ڪري هڪ وڏو رليف ڏيڻ جي تجويز به پيش ڪئي وئي آهي.

جيستائين سنڌ ۾ زرعي آمدني تي ٽيڪس جي نفاذ جو تعلق آهي، قومي مالياتي معاهدي تحت اها تجويز آهي ته ٽيڪس گوشوارا جمع نه ڪرائڻ تي ڏنڊ جي

مقدار کي منطقي بڻائيو وڃي ۽ ان ۾ گھٽتائي ڪئي وڃي، وڌيڪ اهو ته زرعي آمدني تي سپر ٽيڪس جي شرح جي حوالي سان چوٽ جي حد کي 150 ملين (15 ڪروڙ) روپيا کان وڌائي 500 ملين (50 ڪروڙ) روپيا ڪري ۽ شرح کي به 10 سيڪڙو کان گھٽائي 8 سيڪڙو وڌو رليف ڏنو پيو وڃي ته جيئن ان سلسلي ۾ وفاقي انڪم ٽيڪس جي شرحن جي برابر آڻي سگھجي.

مٿي ڄاڻايل قدمن تي عملدرآمد لاءِ حڪومت سنڌ سيلز ٽيڪس، 2011 تحت انهن اصلاحي تجويزن کي قانوني شڪل ڏيڻ لاءِ هڪ فنانس بل پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان شاندار ماضي جي بنياد تي، حڪومت پنهنجي ترقياتي سفر جي ايندڙ مرحلي جي شروعات ڪري رهي آهي.

## ڪيٽي بندر ميري ٽائيم ۽ اقتصادي راهداري

جناب اسپيڪر!

تاريخ شاهد آهي ته عظيم معيشتون هميشه بندرگاهن ۽ واپاري رستن جي چوڌاري ئي ترقي ڪنديون آهن. ڪيٽي بندر سنڌ جي ساحلي ترقي جو هڪ وڏو مرڪز بڻائڻ جو هڪ نادر موقعو فراهم ڪري ٿو، صدر آصف علي زرداري جي ويزن جي روشني ۾ حڪومت اهڙي مستقبل جي بحري، لاجسٽڪس، صنعتي ۽ توانائي جي مرڪز طور ڏسي رهي آهي. هڪ مربوط معاشي فزيبلٽي رپورٽ ذريعي بندرگاه جي بنيادي ڍانچي، صنعتي زونز، لاجسٽڪس، برآمدي صنعتون ۽ مواصلاتي رستن جي منصوبا بندي ڪئي ويندي، جنهن جا رابطا ڍابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون، ٺٽ جي وسيلن ۽ علائقائي تجارتي راهدارين سان جوڙيا ويندا. ان جو مقصد هڪ اهڙو وسيع معاشي ماحول (ايڪو سسٽم) تيار ڪرڻ آهي جيڪو سيڙپڪاري، ملازمتن ۽ برآمدت کي هٿي ڏئي، ۽ سنڌ جي معيشت کي اهڙي ريت بدلائڻ جي صلاحيت رکندڙ هُجي جيئن پورٽ قاسم پاڪستان لاءِ ڪيو. اهڙي وڏي قدم لاءِ وفاقي حڪومت جي سهڪار جي به توقع آهي.

# سنڌ انٽرنيشنل فنانشل سينٽر

جناب اسپيڪر!

ڪراچي ڊگهي عرصي کان پاڪستان جو واپاري ۽ مالياتي دل رهيو آهي. هي ملڪ جو سڀ کان وڏين بينڪن، ڪيپيٽل مارڪيٽن، مالياتي ادارن ۽ ڪارپوريٽ هيڊڪوارٽرز جو مرڪز آهي. بين الاقوامي واپاري ۽ سيڙپڪاري لاءِ پاڪستان جي دروازي طور، ڪراچي ۾ اهي سموريون خوبيون موجود آهن جيڪي ان کي خطي جو هڪ نمايان مالياتي مرڪز بڻائڻ لاءِ ضروري آهن. اهڙي تاريخي طاقت جي بنياد تي ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي جديد منصوبن کي تيار ڪرڻ ۾ سنڌ جي بين الاقوامي سطح تي تسليم شده مهارت جو فائدو ڪڻندي مونکي اهو اعلان ڪندي خوشي ٿي رهي آهي ته سنڌ حڪومت سيڙپڪاري، ماليات، جدت پسندي ۽ تڪرارن جي حل لاءِ هڪ عالمي معيار جي پليٽ فارم طور سنڌ انٽرنيشنل فنانشل سينٽر جي قيام جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي. حڪومت ان سينٽر کي هڪ اهڙي جديد مالياتي نظام طور ڏسي ٿي جيڪو ملڪي ۽ بين الاقوامي سيڙپڪاري کي آسان بڻائيندو. سيڙپڪارن جي اعتماد کي مضبوط ڪندو ۽ انفرا اسٽرڪچر، توانائي، هائوسنگ، ٽيڪنالاجي، ماحولياتي استحڪام ۽ صنعتي ترقي لاءِ سيڙپ گڏ ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪندو.

ايندڙ سال دوران حڪومت قومي ۽ بين الاقوامي اسٽيڪ هولڊرز، مالياتي ادارن، سيڙپڪار ۽ ترقياتي شراڪتدارن سان صلاح مشوري سان هن فنانشل سينٽر جي قيام لاءِ ضروري قانوني، ريگوليٽري ۽ اداراجاتي بنيادي ڪم انجام ڏيندو.

جناب اسپيڪر!

تجويز ڪيل ايس آءِ ايف سي جو مقصد ڪراچي کي انفرااسٽرڪچر فنانس، اسلامي فنانس، ڪلائيميٽ فنانس، فنانشل ٽيڪنالاجي (فن ٽيڪ) ۽ بين الاقوامي واپاري خدمتن لاءِ خطي جي هڪ وڏي مرڪز طور تي پيش ڪرڻ آهي. اهڙن قدمن تحت واپاري عدالتون، بين الاقوامي ٺياڪڙي ۽ مفاهمت جون سهولتون ۽ سيڙپڪار دوست ريگيوليٽري فريم ورڪس جي قيام جو جائزو به ورتو ويندو، ته جيئن تڪرارن جو تيز رفتار حل، واپاري معاهدن ۾ مينيوفيڪچرنگ ۽ شفافيت ۽

سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ اضافو يقيني بنائي سگهجي. هن فنانشل سينٽر ذريعي حڪومت جو مقصد عالمي سيڙپ کي راغب ڪرڻ، اعليٰ ماليت جي روزگار جا موقعا پيد ڪرڻ، ڪراچي جي برابري صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ ۽ پاڪستان ۾ وسيع تر خطي ۾ سيڙپڪاري ۽ معاشي ترقي جي دروازي طور سنڌ جي ڪردار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ آهي.

هن اسٽريٽجڪ قدم جي ڪامياب قيام لاءِ صوبائي حڪومت وفاقي حڪومت ۽ لاڳاپيل قومي ادارن سان گڏجي ڪم ڪندي تہ جيئن هڪ سازگار قانوني، ريگيوليٽري ۽ سيڙپڪاري جو فريم ورڪ تيار ڪري سگهجي. هن ۾ سيڙپڪارن جي آسان رجسٽريشن، ويزا ۽ لائسنسنگ جي سهولت، تيز رفتار ريگيوليٽري منظوريون، برابري سيڙپڪاري جون ترغيبون ۽ سرحد پار سيڙپ جي وهڪري کي آسان بڻائڻ جو طريقيڪار شامل هوندو.

ڪراچي جي تجارتي ڪوريڊور جي اندر امڪاني طور تي ٽن علائقن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جن ۾ ايئرپورٽ، ايم 9 موٽروي ۽ شهر جي ڪاروباري ضلعن تائين بهترين پهچ فراهم ڪن ٿا. هڪ جامع فزيبلٽي رپورٽ جي ذريعي مناسب ترين جاءِ جي حتمي شڪل ڏني ويندي، ان خواب کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ، بجيٽ ۾ عالمي سطح تي قابلِ قبول فزيبلٽي اسٽڊي ۽ عملدرآمد جي فريم ورڪ جي تياريءَ لاءِ فنڊ رکيا ويا آهن.

جناب اسپيڪر!

سنڌ انٽرنيشنل فنانشل سينٽر رڳو هڪ ريئل اسٽيٽ يا انفرا اسٽرڪچر جو منصوبو ناهي، هي ڪراچي کي خطي جي اڀرندڙ مالياتي مرڪز ۾ شامل ڪرڻ، عالمي سيڙپڪاري کي متوجهہ ڪرڻ، مالياتي مارڪيٽن کي واڌ ڏيڻ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ حڪمت عمليءَ وارو قدم آهي. هي سنڌ کي عالمي سرمائيڪاريءَ، عالمي جدت ۽ عالمي موقعن سان ڳنڍڻ جي اسان جي هن عزم جي عڪاسي ڪري ٿو.

# سنڌ گرين ڊيٽا انفرااسٽرڪچر انيشئيٽوِ

جناب اسپيڪر،

روايتي صنعتن جي ابتڙ معيشت کي متحرڪ ڪرڻ وارين قوتون ڊيٽا، اَي آءِ، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، ڊجيٽل انفرااسٽرڪچر هونديون، پوري دنيا ۾ حڪومتن ڪمپيوٽنگ اسٽوريج ۽ ڊجيٽل سروسز جي ٽيڪ واري ترقي جي ڪري ڊيٽا مرڪزن ۾ وڏي انگ ۾ سيڙپڪاري ٿي رهي آهي. سنڌ مستحڪم سولر پوٽينشل جهمپير ونڊ ڪوريڊور ۽ ٿر اينرجي جي منصوبن جيڪري اعليٰ مقام رکي ٿي. ان موقعي تي قابل تجديد توانائي پارڪ ۽ ٽيڪنالوجي زونز ڊيٽا مرڪزن لاءِ سنڌ گرين ڊيٽا انفرااسٽرڪچر انيشيٽيو جو اعلان ڪريان ٿو. هن کي قائم ڪرڻ سان عالمي نيٽ فرمز ڪلائوڊ اي آئي ڪمپنيون ۽ ڊيٽا انفرااسٽرڪچر ڊيولپرز کي صاف توانائي ٽرانسميشن جي شعبن ۾ سيڙپڪاري کي هٿي ملندي. اهڙن اُپائن سان ڊي سيلينيشن پلانٽس، صنعتي ذونز ۽ اسپيشل اڪنامڪس ذونز جهڙا سائيٽ ڪراچي، ڪورنگي، پورٽ قاسم، ڌابيجي ۽ نوري آباد کي واڌو توانائي مهيا ڪرڻ ۾ مدد ملندي ۽ ان جي لاڳت ۾ گهٽتائي ۽ مسابقت ۾ بهتري ايندي. ان جي قيام سان سيڙپڪاري لاءِ مختلف موقعا ميسر ٿيندا، هنرمندن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ علمي معيشت کي هٿي ملندي ۽ ان سلسلي ۾ گرين اينرجي جي استعمال ۽ سيڙپڪاري جي جي سهولتن جي فراهمي لاءِ ريگيوليٽري اصلاحن جي ضرورت آهي.

# شمسي توانائي سان خودمختياري:

جناب اسپيڪر!

توانائي معاشي ترقي جو فيٽو هلائيندي آهي. ڪنهن وقت ۾ پاڪستان بجلي جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهيو هو.جنهن صنعت ۽ سيڙپڪاري کي محدود ڪري ڇڏيو هو. سنڌ (SECMC) جي ذريعي ٿرڪول کي ترقي ڏئي ان جو جواب ڏنو ۽ هڪ غير فعال ذريعي کي توانائي جي هڪ اهڙي وڏي ذريعي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو جنهن سان سستي بجلي فراهم ڪئي پئي وڃي ۽ توانائي جي تحفظ کي پڻ بهتر بڻايو

پيو وڃي. ٽرانسپورٽ جي خرچ ڪرڻ ۽ ڪارڪردگي کي وڌائڻ جي لاءِ هڪ نئين ريلوي لنڪ جي به منصوبابندي ڪئي وئي آهي.

جيئن ته ڪوئلي تڪڙي ضرورت جو پورائو ڪيو پر سنڌ هاڻي ماحول دوست توانائي ڏانهن منتقل ٿي رهي آهي. بهترين سولر پوٽينشل(شمسي صلاحيت) ۽ جهمپير ونڊ ڪوريڊور سان گڏ صوبو صاف توانائي کي هٿي ڏئي رهيو آهي. هڪ وڏي پروگرام تحت گهٽ آمدني رکندڙ خاندانن کي 275،000 مفت سولر هوم سسٽم (گهريلو شمسي نظام) فراهم ڪيا ويندا. وچولي آمدني رکندڙ خاندانن لاءِ ايس اي ڊي ايف ۽ سنڌ بينڪ جي ذريعي رعايتي سولر فنانسنگ اسڪيم ڇتين تي سولر پينل لڳائڻ جي حمايت ڪندي. جنهن سان خرچ گهٽ ٿيندا ۽ صاف توانائي تائين رسائي ممڪن ٿيندي.

سنڌ فارمرز ايگريڪلچر ڪليڪٽيوز انيشيٽو( سنڌ هاري زرعي سهڪار وارو قدم)

جناب اسپيڪر!

سنڌ جي خوشحالي جو دارومدار سندس هارين تي آهي پر انهن جي اڪثريت وٽ زمين جا ننڍا ٽڪرا آهن ۽ جديد زرعي سازسامان، ناڻو ۽ مارڪيٽن تائين رسائي محدود آهي. حڪومت هارين جي قيادت هيٺ زرعي سهڪار واري اداري (فارمر ليڊ ڪليڪٽيوز) قائم ڪرڻ لاءِ هڪ تاريخي قانون سازي متعارف ڪرائي ويندي. جنهن سان ننڍا هاري پنهنجي زمين جي ملڪيت حق وڃائڻ بغير وڏي انگ ۾ پوکي مان فائدو حاصل ڪري سگهندا. هي سهڪاري ادارا هارين کي مشينري، ٽيڪنالاجي، فنانس، اسٽوريج (ذخيرو ڪرڻ) مارڪيٽن تائين گڏيل رسائي فراهم ڪندي. جنهن ۾ حڪومت ان سلسلي ۾ هڪ سهولتڪار وارو ڪردار ادا ڪندي.

بينڪاري ادارا ۽ حصيدار فنڊز فراهم ڪندا، جنهن سان هي گروپ رعايتي قرض، ليزنگ ۽ انشورنس جي لاءِ اعتبار جوڳا بڻجي ويندا. هاري پنهنجي گهرج مطابق ماڊل تحت پاڻ پنهنجي ضرورت جو پاڻ، ٻج ۽ خدمتن جي چونڊ ڪندا. هي اصلاحون جديد مشينري، آبپاشي، سولر پمپس ۽ اسٽوريج تائين رسائي کي وڌائيندا.

جنهن سان پيداواري صلاحيت، لچڪ ۽ گهڻائي آمدني ۾ بهتري ايندي ۽ سنڌ جو ڊيٽل هارپو هڪ منظم ۽ جديد زراعت ۾ بدلجي ويندو.

انٽگريٽيڊ ويسٽ ٽو ويليو اينڊ سرڪيولر اڪنامي پروگرام (ڪچري مان ڪم واري شين جي تياري ۽ سر ڪيولر اڪانومي جو مربوط پروگرام،

جناب اسپيڪر!

تيزي سان وڌندڙ شهري آبادي ڪچري جي موثر انتظام (ويسٽ مئنيجمينٽ) جي ضرورت کي وڌائي رهي آهي. سنڌ پهرين ئي بلدياتي ڪچري جي نظام ۾ سيڙپڪاري ڪري چڪو آهي ۽ هاڻ پي پي پي موڊ تحت هڪ نئون اينٽيگريٽيڊ ويسٽ ٽو ويليو پروگرام شروع ڪرڻ جي منصوبابندي ڪري رهيو آهي. هي صرف ڪچرو جمع ڪرڻ بدران ان کي سائنسي پروسيسنگ (ڪيميائي عمل) جي طرف منتقل ڪيندو. جنهن ۾ ريفيوز ڊرائيوڊ فيول ڪچري سان ٺهندڙ فيول جي تياري، ري سائيڪلنگ ۽ لينڊ فل گئس کي محفوظ ڪرڻ شامل آهي. هن سان زهريلي گئس خارج ٿيڻ ۾ پڻ گهٽتائي ايندي. ماحولياتي لچڪ بهتر ٿيندي ۽ معاشي قدر پيدا ٿيندا. هي اُپاءَ ڪاربان ڪريڊٽس، آر ڊي ايف جي وڪري ۽ ري سائيڪلنگ جي ذريعي آمدني پيدا ڪندو. جڏهن ته سرڪيولر اڪانومي ۽ ماحول دوست (گرين) ملازمتن کي هٿي وٺرائيندو. هي ڪچري کي ڪارآمد وسيلي ۾ بدلجي ويندو جنهن سان شهر وڌيڪ صاف ستٿرو ۽ پائيدار ٿيندو، بين اصلاحن سان گڏجي جيئن واپار لاءِ ڪيٽي بندر، فنانس لاءِ ايس آئي ايف سي گرين ڊيٽا انفرااسٽرڪچر، تجديد جي لائق توانائي، زرعي سهڪار جي اداري ويسٽ ٽو ويليو سسٽم سنڌ سيني جي شموليت تي مشتمل سيڙپڪاري سان ليس پائيدار معاشي ترقي هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي رهيا آهن.

# رليف وارا اُپاءَ

## پگھارون ۽ الائونسز

پاڪستان جي باقي حصن وانگر سنڌ ۾ بہ سرڪاري ملازم هن وقت وڌندڙ مهانگائي، يوٽيليٽي بلن جي خرچن ۾ واڌاري ۽ مجموعي معاشي سستي جي ڪري شديد دٻاءَ ۾ آهن. سنڌ حڪومت پاران مختلف پي اسڪيل ڪيٽگريز جي لاءِ پگھارن ۾ واڌاري تجويز پيش ڪري ٿي.

- ❖ گريڊ 1 کان 16 جي ملازمن جي پگھار ۾ ________ واڌ ڪري رهي آهي
- ❖ گريڊ 17 ۽ ان کان مٿي ملازمن جي پگھار ۾ ________ واڌ ڪري ٿي

### مزدورن جي گھٽ ۾ گھٽ اجرت

سنڌ حڪومت پاران سنڌ ۾ مزدورن لاءِ گھٽ ۾ گھٽ اجرت ______روپيا تجويز ڪري ٿي

# پڄاڻي!

مالي سال 2026-27 جي هي بجيٽ هڪ اهڙي وقت ۾ پيش ڪئي پئي وڃي جڏهن اسان جو صوبو دنيا جي ٻين حصن جيان معاشي غير يقيني، وڌندڙ مهانگائي، جاگرافيائي ۽ سياسي ڇڪتاڻ ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ مسلسل واڌاري جي اثرن هيٺ آهي. انهن چئلينجز اسان جي مالياتي وسيلن ۽ اسان جي شهرين جي زندگين تي دٻاءُ وڌو آهي. انهن مشڪل حالتن جي باوجود سنڌ حڪومت پاران مالياتي احتياط ۽ عوامي ڀلائي جي وچ ۾ توازن برقرار رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. هي بجيٽ ڪمزرو طبقي ڪي تحفظ، ضروري عوامي خدمت ڪي برقرار رکڻ ۽ اهڙي ترقي ۾ سيڙپڪاري جاري رکڻ جي اسان جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو. جيڪو گهڻ مدتي استحڪام ۽ ترقي جو بنياد رکي ٿي. سڀ ڪان وڏيڪ اهو تہ هت بجيٽ ٽن بنيادي ارادن تي مشتمل آهي جنهن ۾ بهتر مستقبل جي اميد، جٽادار ترقي لاءِ اُپائن ۽ شفافيت ۽ ذميواري ذريعي عوام جو اعتماد شامل آهن. اسان پنهنجن ماڻهن جي معيار زندگي ڪي بهتر بڻائڻ ۽ صوبي ڪي وڏيڪ پاڻيرائپ ۽ خوشحالي طرف وني وڃڻ جو مضبوط ارادو رکون ٿا. الله پاڪ اسان جي ڪوششن ۾ برڪت عطا فرمائي اسان ڪي نظم و ضبط جي حڪمت عطا فرمائي ۽ سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام جي زندگين ۾ آساني، استحڪام ۽ بهتري آڻي. (آمين)

**پاڪستان پائنده باد**



**www.finance.gos.pk**

Printed at Sindh Govt, Press Karachi